ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ڪراچي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) آچر 14 ڊسمبر 2025ع 22 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (121)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Daily Ibrat Karachi Sunday 14th December 2025
Daily Ibrat Hyderabad Sunday 14th December 2025

فوجي قيادت سول حڪومت جي مدد ڪئي آهي، دعا آهي ته فيض حميد ۽ باني جهڙن ماڻهن جو مڪمل خاتمو ٿئي: خواجه آصف

سازشي عنصر اڃا به عمران خان کي واپس آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن هنن جو پڻ احتساب ٿيندو: وزير دفاع

فيض حميد پي ٽي آءِ باني پروجيڪٽ جو انچارج هو، جڏهن ڪور ڪمانڊر پشاور هو تڏهن هن عمران خان جي سياست کي هٿي ڏني ۽ ڏاڍائي ذريعي فيض حميد جي نگراني ۾ پي ٽي آءِ باني کي اقتدار ۾ آندو ويو

عمران خان کي آڻڻ واري پروجيڪٽ ۾ ٻيون شخصيتون به ڪم ڪنديون رهيون، هن چيو ته پي ٽي آءِ باني چار سال ملڪ سان هٿ چراند ڪئي، جنهن جا ذميوار فيض حميد ۽ عمران خان آهن، عوام سڀ ڄاڻي ٿو

پارليامينٽ کي آءِ ايس آءِ جو ماتحت ادارو بڻايو ويو فيض حميد جو پروجيڪٽ هوريان هوريان وائڪو ٿيڻ لڳو پي ٽي آءِ باني لاءِ 9 مئي جا واقعا ڪرايا ويا، جنهن جي پليان به فيض حميد جو دماغ هو رٿابندي هن جي هٿي

سمورن مخالفن کي فيض حميد جي ذريعي جيلن ۾ وڌو ويو هو ملڪ سان نهايت ٻوائتي راند کيڏيندڙ رهيو سڀني سازشن جي پليان هو شامل هو 9 مئي جي تباهي به فيض حميد ۽ پي ٽي آءِ باني عمران خان جي هٿي

احتساب انهن جو به ٿيندو جيڪي بيوروڪريسي سميت ٻين ادارن ۾ لڪيا ويٺا آهن فوج پاڻ فيض حميد جو ٽرائل ڪيو ۽ 15 مهينن ٽائيمڪيس هلائي ڪيس سزا ٻڌائي، ڳنڀيرڄ ڳٽ جوڙ جاري رهي ها ته ملڪ جو ڇا حشر ٿئي ها

مون کي گهرائي چيو ويو ته نواز شريف خلاف بيان ڏيو نه ته جيل موڪليندا سين، مون انڪار ڪيو ۽ چيو ته مان نواز شريف جو سلٽ نٿو ڇڏي سگهان، جنهن ڪانپوءِ مون کي پنجين ڏينهن گرفتار ڪيو ويو

سيالڪوٽ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بجاءِ واري وفاقي وزير خواجا آصف چيو آهي ته ڪجهه سازشي عنصر اڃا به پي ٽي آءِ باني عمران خان کي واپس آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن سيالڪوٽ ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته فيض حميد پي ٽي آءِ باني پروجيڪٽ جو انچارج هو فيض حميد جڏهن ڪور ڪمانڊر پشاور هو تڏهن هن عمران خان جي سياست کي هٿي ڏني هن

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سيالڪوٽ: بجاءِ وارو وفاقي وزير خواجه آصف پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

قومي استحڪام کي نقصان پهچائيندڙ فرقيوار عنصرن سان منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل تيار آهيون: فيلڊ مارشل

پاڪ فوج جي سربراهه سيد عاصم منير گوجرانوالا ۽ سيالڪوٽ گيريزنز جو دورو ڪيو، ڪيس فارميشن جي آپريشنل تياري ۽ جنگي صلاحيتن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ بابت ڪنيل قدمن تي بريفنگ ڏني وئي

دوري دوران چيف آف ڊفينس فورسز آفيسرن ۽ جوانن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ سندن بلند حوصلن ۽ قومي سلامتي لاءِ مضبوط عزم کي ساراهيو ۽ جوانن جي سخت گهر مشن تي ٻڌل تربيت جي اهميت کي اجاگر ڪيو

پاڪ فوج داخلي ۽ خارجي چئلينجز خاص ڪري دشمن جي هائبرڊ مهارتن انتهاپسند نظرين ۽ قومي استحڪام کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ۽ تقسيم ڪندڙ عنصرن تي مڪمل ڌيان ڏئي رهي آهي: فيلڊ مارشل

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير چيو آهي ته قومي استحڪام کي نقصان پهچائيندڙ فرقيوار عنصرن سان منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار آهيون پاڪ فوج جي ترجمان اداري آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل پڌرائي موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير گوجرانوالا ۽ سيالڪوٽ گيريزنز جو دورو ڪيو جنهن دوران ڪيس

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف ترڪمانستان جو دورو مڪمل ڪرڻ کان پوءِ وطن واپس پهچي ويو

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ترڪمانستان جو دورو مڪمل ڪرڻ کان پوءِ وطن واپس پهچي ويو. وزيراعظم ترڪمانستان جي ٻن ڏينهن جي سرڪاري

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

چين ڪوائيزو 11- واءِ 8 ڪيريئر راڪيٽ ذريعي خلائي تجرباتي سيٽلائيٽ لانچ ڪري ڇڏيو

بيجنگ (اي پي پي) چين جيو چوان سيٽلائيٽ لانچ سينٽر مان ڪوائيزو 11- واءِ 8 ڪيريئر راڪيٽ ذريعي خلائي تجرباتي سيٽلائيٽ لانچ ڪري ڇڏيو آهي پرڏيهي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

واپار واري وفاقي وزير سان ترڪي جي اعليٰ سطحي وفد جي ملاقات، اپري ايشن، زراعي پيداوار ۽ هاءِ ٽيڪ صنعتن ۾ سهڪار وڌائڻ جي عزم جو ورجاءُ

اسلام آباد (اي پي پي) ايس آءِ ايف سي جي اڻرائتين پاليسين سبب پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ اقتصادي سهڪار جي نئون

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

لاهور: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

حضرت محمد ﷺ سان عقيدت اسان جو ايمان آهي: يوسف رضا گيلاني

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو قاديانين کي غير مسلم قرار ڏئي مسلمان امت جو دليون کٽيون

اسان ڪيترن ئي سون سالن کان نبي پاڪ جي ميلاد جو جشن ملهائي رهيا آهيون: سينيٽ چيئرمين

ملتان (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته خواهش آهي ته سڄي دنيا ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه واله وسلم جي ولادت باسعادت جو جشن ملهايو وڃي آهڙو اظهار هن سياسي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

تعليمي ادارن ۾ قومي ٻولي کي هٿي ڏيڻ وقت جي ضرورت آهي: خواجه آصف

استاد شاگردن ۽ شاگردياڻين کي پنهنجي قومي ٻولي ڳالهائڻ سيکارين: بجاءِ وارو وزير

سيالڪوٽ (اي پي پي) بجاءِ واري وفاقي وزير خواجه محمد آصف چيو آهي ته تعليمي ادارن ۾ قومي ٻولي کي هٿي ڏيڻ وقت جي ضرورت آهي استاد شاگردن ۽ شاگردياڻين کي پنهنجي قومي ٻولي ڳالهائڻ سيکارين

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان برطانوي مملڪتي وزير جي ملاقات، سهڪار وڌائڻ تي اتفاق

برطانوي مملڪتي وزير بيرونس چيپ مين وزيراعظم هائوس ۾ شهباز شريف سان ملاقات ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ عالمي ترقي ۽ آفريڪا بابت برطانوي مملڪتي وزير بيرونس چيپ مين اهم شعبن ۾ تعاون کي وڌائڻ لاءِ پنهنجي گڏيل عزم کي ورجايو آهي

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

ڪراچي:پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير کي قومي راندين جي اختتامي تقريب ۾ شيلڊ پيش ڪري رهيو آهي

بلاول ڀٽو ۽ ٻيا وزيراعظم ٿيڻ جي آڇ رد ڪري ڇڏي: مير منور ٽالپر

موجود سسٽم ۾ ڪيس به ٻيا وزيراعظم ٿيڻ جي آڇ ٿي هئي پر هن انڪار ڪري ڇڏيو

بلاول ڀٽو جو چوڻ هو ته هو اهڙي سسٽم ۾ شريڪ نه ٿيندو جيڪو اليڪشن کان سواءِ هجي

صدر به اهو چيو ته اسان اهڙي ڪنهن نظام ۾ شريڪ نه ٿينداسين، جنهن ۾ عوام جي راءِ نه هجي

27 ڊسمبر تي شهيد محترمه جي ورسي تي پ پ چيئرمين ملڪ جي اهم معاملن تي اعلان ڪندو

سنڌ حڪومت وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي قيادت ۾ عوام جا مسئلا حل ڪري رهي آهي: عورت سان ڳالهين

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) قومي اسيمبلي جي ميمبر صدر آصف زرداري جي ڀيڻوئي ۽ پ پ عورت ونگ جي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر فريال ٽالپر جي ور مير منور ٽالپر گڏيل رات جي آر پناڻ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

9 مئي جا واقعا صرف منظم ۽ سوچيل سمجهيل سازش هئي: حنيف عباسي

پاڪستان جي سلامتي ۽ رياستي ادارن کي نشانو بڻايو ويو: ريلوي وارو وفاقي وزير

اقتدار جي لالچ ۾ ملڪ جي سالميت کي داءُ تي لڳايو ويو آهي پر ائين ٿيڻ نه ڏينداسين

راولپنڊي (اي پي پي) ريلوي واري وفاقي وزير حنيف عباسي چيو آهي ته 9 مئي جا واقعا صرف اتفاق نه پر هڪ منظم ۽ سوچيل سمجهيل سازش هئي جنهن ذريعي پاڪستان جي سلامتي ۽ رياستي ادارن کي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گهرو وزير ضياالحسن لنجار پاران ڪامياب اميدوارن کي مبارڪباد پيش

ڪراچي ۾ پاڪستان بار ڪائونسل جي چونڊ، عاصم جهانگير گروپ جا اميدوار ڪامياب

سينئر وڪيل فاروق ايڇ نائيڪ، بئريسٽر عابد زبيري ، بئريسٽر صلاح الدين احمد ڪاميابي ماڻي

عبيدالله ملاڻي منير ملڪ، ساجد مگريو پڻ پاڪستان بار ڪائونسل جا ميمبر چونڊجي ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان بار ڪائونسل جون چونڊون ۾ گهرو وزير ضيا الحسن لنجار جي حمايت يافته ۽ عاصم جهانگير گروپ جا اميدوار سينئر وڪيل فاروق ايڇ نائيڪ، بئريسٽر عابد زبيري ،

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صحافين جي تحفظ واري صوبائي ڪميشن جو اجلاس ٿي رهيو آهي

پاڪستان بحران مان نڪري آيو هاڻ پرڏيهي سيڙپڪارن جو ڌيان ڇڪائڻو آهي: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف نيشنل ريگوليٽري ريفارمز کي تيزي سان عملي شڪل ڏيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي

پشاور کان ڪراچي تائين اهڙي تبديلي رڳو ڳالهين تائين محدود نه هجي پر عملي قدمن جي صورت ۾ سامهون اچي

معاشي انگ اکر بهتر ٿيا آهن هاڻ معيشت جي پائيدار ترقي لاءِ پرڏيهي سيڙپڪارن جو ڌيان ڇڪائڻو آهي: تقريب کي خطاب

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم شهباز شريف نيشنل ريگوليٽري ريفارمز کي تيزي سان عملي شڪل ڏيڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. لاهور ۾ نيشنل ريگوليٽري ريفارمز جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

جناداري ۽ مالياتي استحڪام کي هڪ ٻئي جو مددگار بڻائڻ اٽل آهي: مصدق ملڪ

اهي ملڪ جيڪي موسمياتي تبديلي سبب متاثر ٿي رهيا آهن انهن جي مدد جي ضرورت آهي

ماحولياتي زوال عالمي مالياتي نظام لاءِ سنگين نظاماتي خطرا پيدا ڪري رهيو آهي: وفاقي وزير

نيروبي (اي پي پي) موسمياتي تبديلي ۽ ماحولياتي هم آهنگي واري وفاقي وزير ڊاڪٽر مصدق ملڪ منصفاڻي مالياتي وهڪري، مضبوط عالمي سهڪار ۽ ذميوار نجي شعبي جي شموليت جي اهميت تي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسرائيل اولهه ڪناري 19 وسندين جي تعمير جي منظوري ڏئي ڇڏي

وسندين جي تعمير ۽ ٻين غير تسليم ٿيل وسندين کي قانوني حيثيت ڏني ويندي

تل ابيب (اي پي پي) اسرائيل جي دفاع واري وزير جي وزارت ۾ آبادڪاري ۽ ناڻي واري وزير سموٽريچ طرفان پيش ڪيل اولهه ڪناري ۾ 19 نين وسندين جي تعمير ۽ قانوني حيثيت ڏيڻ جي منظوري جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

اسمگلنگ جو روڪٿام آپريشن فرنٽيئر ڪور بلوچستان ۽ ڪوئيٽا ڪسٽمز جي گڏيل وڏي ڪارروائي

اسلام آباد (اي پي پي) ڪوئيٽا ۾ ڪارروائي دوران وڏي انگ ۾ اسمگل ٿيل سگريٽس سوپاري ۽ چانهه هٿ ڪئي وئي تفصيل مطابق اسمگلنگ جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ هڪ شخص مارجي ويو ۽ هڪ زخمي، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سچل پوليس ٿاڻي جي حد ۾ صفورا سعدي ٽائون ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ 25 سالن جو رحيم الدين پٽ مبين الدين موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

هالا ويجهو ڳوٺاڻن جو ايريگيشن کاتي جي رٽائرڊ بيلدار جي مبينا زيادتين خلاف مظاهرو

هالا (ت ر) هالا ويجهو ڳوٺ خدا آباد جي رهواسي ڳوٺاڻن پاران ايريگيشن کاتي جي رٽائرڊ بيلدار جي مبينا زيادتين خلاف

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف قومي ريگيوليٽري سڌارن جو افتتاح ڪري رهيو آهي

سنڌ حڪومت اقليتن جي اصل مسئلن کي نظرانداز ڪري رهي آهي: صدرالدين شاهه

فنڪشنل ليگ مينارٽي ونگ جي اڳواڻن پارٽي جي صوبائي صدر سان ملاقات ڪئي

ملاقات ۾ فنڪشنل مينارٽي ونگ پاران صوبائي سطح تي وڏو ڪنوينشن ڪرائڻ تي غور ويچار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جي مينارٽي ونگ جي اڳواڻن پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي صدر سيد صدرالدين شاهه راشدي سان ملاقات ڪئي ۽ ڪين عمره جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

مڪلي جي پوليو ورڪر جو اوباش نوجوان خلاف احتجاجي مظاهرو، انصاف جو مطالبو

ٺٽو (ڊ ر) مڪلي جي ڳوٺ علي مراد درس جي رهواسڻ پوليو ورڪر شمائيلا درس

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

بدين پوليس جون ڪارروايون، منشيات هٿ، قتل جي جوابدار سميت 6 ڄڻا گرفتار

بدين (ڊ ر) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي جي هدايتن تي، قتل ڪيس ۾

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اڻڄاتل هٿياربندن جي فائرنگ ڪري هڪ ڄڻي کي قتل ڪري ڇڏيو

نادرن ٻاءِ پاس عباس ڪٽ جي ويجهو فائرنگ جي واقعي ۾ اصغر ولد علي بخش قتل ٿي ويو

پوليس پهچي مقتول جو لاش قانوني ڪارروائي جي لاءِ اسپتال منتقل ڪيو، جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نادرن ٻاءِ پاس عباس ڪٽ جي ويجهو فائرنگ جي نتيجي ۾ اصغر ولد علي بخش قتل ٿي ويو واقعي بعد ملزم فرار ٿي ويا اطلاع ملندي واقعي واري هنڌ پوليس پهچي مقتول جو لاش

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

انصاف جي وقت سر فراهمي، ڊجيٽل عدليه ۽ عوامي اعتماد اسان جي ترجيح آهي: چيف جسٽس آف پاڪستان

چيف جسٽس سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ نيشنل جڊيشل (پاليسي ميڪنگ) ڪميٽي جي 56هين اجلاس جي صدارت ڪئي

عدالتي نظام جي مضبوطي، انصاف ۽ تيز رفتار رسائي ۽ عوامي اعتماد کي هٿي ڏيڻ اسان جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهن

جديد ٽيڪنالاجي، موثر پاليسي سازي ۽ اداره جاتي هم آهنگي ذريعي ڪيسن جا وقت سر فيصلا يقيني بڻايا وڃن: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته عدالتي نظام جي مضبوطي انصاف ۽ تيز رفتار رسائي ۽ عوامي اعتماد کي هٿي ڏيڻ اسان جي پهرين ترجيحن ۾ شامل

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي قومي جوڊيشل پاليسي جي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

باقراڻي لڳ ۾ پيرسن جو لاش هٿ آيو، سڃاڻپ نه ٿيڻ تي ايڌي رضاڪارن دفنائي ڇڏيو

باقراڻي (ن ع) باقراڻي تعلقي جي بقاپور ٿاڻي جي حد اونا چوڪ واري علائقي ۾ نامعلوم پيرسن جو لاش هٿ آيو آهي علائقي واسين لاش ڏسي حد جي ٿاڻي

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي روڊ حادثي ۾ عبرت ڊيجيٽل جي نيوز ايڊيٽر سيد افتخار علي ڪاظمي جو پٽ زخمي، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عبرت ڊيجيٽل نيٽ ورڪ جي نيوز ايڊيٽر صحافي سيد افتخار

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

يورپي يونين پاران روس جي مرڪزي بئنڪ جا اثاثا روس منتقل ڪرڻ تي پابندي

برسلز (اي پي پي) يورپي يونين يوڪرين

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نامور ليڪڪ محمد خان ابڙو جي ڪتاب ڊي ٽريول آف ٽرٿ جي مهورت

هر دور ۾ سچ لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم رهيو آهي: راجا پرويز اشرف

شهيد ذوالفقار ڀٽو هر بالغ کي ووٽ جو حق ڏياريو جنهن سان ڪروڙين ماڻهن کي سياسي اختيار مليو

ضياءالحق 73 جي ڪي آئين معطل ڪيو جنهن جي بحالي لاءِ شهيد بينظير ڀٽو پنهنجي جان قربان ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم ۽ پيپلز پارٽي سينٽرل پنجاب جي صدر راجا پرويز اشرف چيو آهي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

راڌڻ ويجهو لاڙ ۽ بروهي برادري جي جهيڙي جو فيصلو پنج لک رپيا ڏنڊ

گاجي کهاڙ لڳ ٿيل جهيڙي جو فيصلو رئيس قربان علي چانڊيو جي سرپرستي ۾ ٿيو

فيصلي ۾ رمضان لاڙ جي ڏوهي قرار، پنج لک رپيا ڏنڊ مقرر، ڌريون ڪير ڪنڊ

راڌڻ (رپورٽ ستار ميراڻي) راڌڻ ويجهو گاجي کهاڙ لڳ ڳوٺ عباس لاڙ ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ ٿيل جهيڙي جو فيصلو ميهڙ ۾ رئيس قربان چانڊيو جي اوطاق ۾ ٿيو جنهن ۾ بروهي برادري ۽ لاڙ برادريءَ جي وچ ۾

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

جعفريه الائنس پاڪستان وفد جي ڊي آءِ لاڙڪاڻو سان ملازمتن جي حل لاءِ ملاقات

علامه نثار احمد قلندري جي قيادت ۾ وفد امن امان ۽ ڀائيچاري تي ڌيان ڏيڻ جو موقف پيش

ڊي آءِ لاڙڪاڻو وفد کي يقين ڏياريو ته جعفريه الائنس جا جائز مسئلا حل ڪيا ويندا

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) جعفريه الائنس پاڪستان جي مرڪزي سينيئر نائب صدر علامه نثار احمد قلندري جي قيادت ۾ هڪ اعليٰ سطح وفد ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب پٺاڻ سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ جعفريه

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوڄام ۾ اسپورٽس گالا منعقد، 80 کان وڌيڪ اسڪول جي ٻارڙن جي شرڪت

شاگردن ۽ شاگردياڻين وچ ۾ 100 ميٽر ريس، اسپون، بال ريس سميت ٻيا مقابلا ڪرايا ويا

صحتمند معاشري لاءِ راندين جون سرگرميون انتهائي اهم آهن: اقبال جمالي

ٽنڊوڄام (ت ر) تعلقي ايجوڪيشن آفيسر حيدرآباد ڀهراڙي پاران ٽنڊوڄام ۾ اسپورٽس گالا منعقد، 80 کان وڌيڪ اسڪولن جي شاگردن ۽ شاگردياڻين جي شرڪت خبر موجب تعلقي ايجوڪيشن

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

راڌڻ مهينو اڳ پراسرار نموني گم ٿيل انٽر جي شاگردياڻي جو پتو نه پئي، احتجاج

ڪاليج وڃڻ بعد شاگردياڻي خالده سومرو ميهڙ مان پراسرار نموني گم آهي: وارث

جوابدارن خلاف ڪيس به داخل ڪرايو آهي پر پوليس اڃا تائين گرفتار ناهي ڪيو

راڌڻ (ن ع) ميهڙ ۾ هڪ مهينو اڳ ڪاليج وڃڻ بعد ٻارهين ڪلاس جي شاگردياڻي خالده سومرو ميهڙ مان پراسرار نموني گم آهي، وارثن اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو آهي، شاگردياڻي خالده سومرو جي

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

جيئي سنڌ محاذ جو 27 ڊسمبر کان احتجاج جو اعلان

پهرين مرحلي ۾ 22 ڊسمبر تي حيدرآباد ۾ تحفظ سنڌ مارچ ڪيو ويندو: رياض چانڊيو

سڄي سنڌ جي شهرن ۾ ريليون، جلسا ۽ سيمينار منعقد ڪيا ويندا

ماتلي (ن ع) جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي چيئرمين رياض چانڊيو چيو آهي ته سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن تي27 ڊسمبر کان 8 جنوري تائين سموري سنڌ ۾ احتجاج جو سنڌ ڏجي ٿو سڄي سنڌ جي هر ننڍي وڏي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

باقراڻي ۾ گرفتار نوجوان لاڪپ ۾ مبينا خودڪشي ڪري ڇڏي، وارثن پاران ٿاڻي جو گهيراءُ، قتل جا الزام

ڳوٺ عبدالله لاشاري واسي 35 سالن جي نوجوان ٿاڻي جي لاڪپ ۾ مبينا ڦاهو کائي آپگهات ڪيو

اطلاع تي جوڊيشل مئجسٽريٽ ڊوڪري ۽ فوتي نوجوان جا وارث ٿاڻي تي پهچي ويا

وارثن پاران ٿاڻي جو گهيراءُ، پوليس مٿان مبينا پيسا نه ملڻ ڪري نوجوان کي مارڻ جو الزام، انصاف جي گهر

باقراڻي (رپورٽ: خدا بخش ابڙو) باقراڻي پوليس هٿان گرفتار ٿيل ، اطلاع ملڻ تي ڊوڪري عدالت سڳوري جو جج ۽ نوجوان جا وارث ٿاڻي تي پهچي ويا، ضروري

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ٽنڊومحمدخان ۾ بلڙي واسي جو زمين تي قبضي جي ڪوشش خلاف احتجاج

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ بلڙي شاهه ڪريم جي ديهه جادو لغاري ڳوٺ يوسف لغاري جي ڳوٺاڻي محبوب لغاري پريس ڪانفرنس ڪندي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: گهرو وزير ضياالحسين لنجار پاڪستان بار جي چونڊن ۾ فتح ماڻيندڙ اميدوارن کي گلدستا ڏئي رهيو آهي

پاڪستاني معيشت ۾ استحڪام پائيدار ترقي طرف مثبت اڳڀرائي آهي: ناڻي وزير

واپاري برادري جي مدد سان ملڪ کي معاشي طور اڳتي وڌي ويندا سين، معاشي اهڃاڻن ۾ به نمايان بهتري آئي آهي

حڪومت جي سڌارا جاتي قدمن سان مقامي صنعتن کي هٿي ملي جنهن سان پيداواري شعبي ۾ بحالي جو عمل تيز ٿيو

ٽيڪس جي وصولي ۾ شفافيت آئي ٽيڪس ڏيندڙن کي سهولت ڏيڻ سان انهن جو حڪومت تي اعتماد وڌيو آهي ۽ اعتماد وڌيو

سيڙپڪارن ۽ واپارين کي حڪومت جي واپار دوست پاليسين تي اعتماد بحال ٿيڻ سان ئي ڪاروبار کي هٿي ملي ۽ معيشت مضبوط ٿي آهي

لاهور (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي اڳواڻي ۾ پاڪستاني معيشت ۾ استحڪام پائيدار ترقي طرف مثبت اڳڀرائي آهي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

لاهور: ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب کي آل پاڪستان چيمبر آف ڪامرس ۾ شيلڊ ڏني پئي وڃي

ڏگهڙي ۾ عورت جو پنهنجي مڙس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي جي ڀرپاسي ڳوٺ جي رهواسي عورت نور خاتون جو مڙس تي تشدد، گهران ڪيڍڻ ۽ ننڍي پيڻ سان شادي ڪرڻ جو الزام. ڏگهڙي ٽائون ٽنڊوڄان محمد جي ڀرپاسي ڳوٺ گيليو جي رهواسڻ نور خاتون خاصخيلي پنهنجي پاءُ حيات خاصخيلي ۽ پٽ محمد عالم خاصخيلي سان گڏ ڏگهڙي پريس ڪلب

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

خيرپور ۾ اڪري ٿاڻي جي پوليس خلاف پيرسن عورت جو پٽ سان گڏجي احتجاج

پوليس باٿرن جي چرچ تي پٽ راشد مري کي ڪنهن گم ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

پوليس آزادي لاءِ 3 لک رپيا طلب ڪري رهي آهي، نوڪيس وٺي نوجوان کي آزاد ڪرايو وڃي

خيرپور(ڊر) خيرپور جي اڪري ٿاڻي جي پوليس پاران نوجوان راشد مري کي ڪنهن گم ڪرڻ ۽ سندس آزاديءَ لاءِ پيسن جي گهر ڪرڻ خلاف نوجوان جي امڙ حنيفان خاتون ۽ ڀاءُ اشرف مري پريس ڪلب خيرپور پهچي احتجاجي مظاهرو ڪيو نوشهروفيروز جي علائقي لاڪا روڊ جي ڳوٺ ستار ڏنو

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ ايم اين اي مير منور ٽالپر عبرت جي بيورو چيف مجيد عباسي سان ڳالهائي رهيو آهي

شڪارپور ۾ مهر جتوئي تڪرار تان هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ٻه نوجوان مارجي ويا

سرتاج ڪانٽي پرسان هٿياربندن فائرنگ ڪري ڳوٺ عالم واسي احسان ۽ اياز جتوئي کي قتل ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي نوجوانن جا لاش ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيا

واقعو مهر جتوئي برادري جي هلندڙ خوني تڪرار تان پيش آيو آهي، وڌيڪ جاچ ڪريون پيا: پوليس

شڪارپور(رپورٽ رحيم بخش جمالي) شڪارپور شهر قبيلائي تڪرار ناسور بڻجي ويو مهر جتوئي ڇڪتان سبب هزارين شاگرد تعليم جي زيور کان محروم ٿي ويا شڪارپور نيوفوجداري ٿاڻي جي حد

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: مقامي اسڪول ۾ ثقافتي ڏهاڙي جي موقعي تي شاگرديائيون ٽيبلو پيش ڪري رهيون آهن

سنڌ ۾ ڪرپشن خاتمي لاءِ ڪميٽي قائم، چيئرمين ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن حيدرآباد عمران ذواج مقرر

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي سرڪاري توڙي نيم سرڪاري ادارن ۾ ڪرپشن جي

بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد جي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙ قمبر واسي نوجوان 5ڏينهن کان گم، احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي

بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل اڻڄاتل شخص فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪورنگي نمبر 4 ڪالو چوڪ جي پرسان نامعلوم گاڏي جي ٽڪر جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل نامعلوم

بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ هڪ رهائشي فليٽ مان ٽئين چاول ٻار جو لاش مليو، اسپتال

ڪراچي (بيورو رپورٽ) لياقت آباد ۾ جهنڊا چوڪ جي ويجهو هڪ رهائشي فليٽ سان ٽئين چاول ٻار جو لاش مليو پوليس موجب

بقايا نمبر 50 ڏسو صفحو 2

شڪارپور: تڪرار ۾ مارجي ويل نوجوانن جا لاش

مظفرڳڙهه: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني محفل ميلاد ۾ دعا گهري رهيو آهي

اسلام ڪوٽ پرسان ناري گهرو اٽيڪٽ تان زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

اسلام ڪوٽ(ن ع) اسلام ڪوٽ جي ڳوٺ ابن جو تڙ ۾ گهريلو اٽيڪٽ تان 25 ورهين جي شادي شده نوجوان ناري ناجو زال مکهن ڀيل گهرن پرسان کوهه ۾ ٽپو ڏئي خودڪشي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اجتماع ذريعي تنظيم جي تربيت ۽ جدوجهد جو پيغام پهچايو ويو: محمد يوسف

جماعتِ اسلامي پاڪستان جو ڪُل پاڪستان اجتماع عام ٻارهن سالن کان پوءِ منعقد ٿيو

اجتماع عام جو مرڪزي نعرو "ظلم بدلڻو آهي" جيڪو فلاحي نظام قائم ڪرڻ جي جدوجهد جي عڪاسي ڪري ٿو

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) جماعت اسلامي ٽنڊوالهيار جو ماهوار ڪل پاڪستان اجتماع ٿي گذريو اجتماع ۾ شرڪت ڪندڙ ڪارڪنن جي اعزاز ۾ خاص ظهرانو پڻ ڏنو ويو ان موقعي تي اجتماع کي خطاب ڪندي جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف چيو ته دنيا ۾ مذهبي ۽ سياسي

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڄامشورو ۾ فن، طاقت ۽ پدرشاهي تي بحث، عورتن ۽ ٻارن تي ٿيندڙ گهرو تشدد روڪڻ جو مطالبو

سينٽر فار پيس اينڊ سوسائٽي پاران سنڌالاجي جي آڊيٽوريم ۾ فڪري ويهڪ ڪرائي وئي

عورتن توڙي ٻارن تي تشدد روڪڻ لاءِ رياست پاران جوڙيل قانون تي فوري طور تي عمل ڪرايو وڃي: اڳواڻ

فائن آرٽس جي شاگردن پاران گهريلو تشدد، طاقت، لچڪ ۽ ناانصافي جي عڪاسي بابت نمائش لڳائي

ڄامشورو (رپورٽ: عرفان برفت) ڄامشورو ۾ فن طاقت ۽ پدرشاهي تي هڪ دلچسپ بحث ڪرايو ويو جنهن ۾ ساڃاهه وندن گهر ڪئي ته عورتن توڙي ٻارن تي ٿيندڙ گهرو تشدد کي روڪيو وڃي ۽ رياست پاران

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

نائروبي: وفاقي وزير مصدق ملڪ گڏيل قومن جي ماحولياتي اسيمبلي جي حوالي سان تقريب ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ صحافي جي نياڻي ۽ ڀائٽي جي اغوا ۾ ملوث جوابدار گرفتار نه ٿيا، احتجاج

سينيئر صحافي اي حميد شيخ پنهنجي پيءُ سان گڏجي جوابدارن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو

منهنجي نياڻي ۽ ڀائٽي کي اغوا ڪندڙ ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري انصاف ڏنو وڃي: مطالبو

لاڙڪاڻو (س ر) لاڙڪاڻي الله آباد ٿاڻي جي حد گوليمار ڪهڙي جي رهواسي سينيئر صحافي اي حميد شيخ پنهنجي پيءُ سان گڏجي قائد عوام پريس ڪلب لاڙڪاڻو ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته منهنجي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

بدين ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر جي ڪارروائي، نان ڪسٽم سگريٽ ضبط

بدين (ڊ ر) بدين نان ڪسٽم سگريٽن خلاف ڪارروائي غير قانوني سگريٽ ضبط بدين ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي هدايتن

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪڙيو گهنور ۾ بدامني چوٽ چڙهيل، نامعلوم چور موٽرسائيڪل کاهي فرار

ڪڙيوگهنور (ن ع) ڪڙيوگهنور جي پوليس جي لاءِ ڏوهاري چيلينج بڻجي ويا شهر جي وچ مان مين بازار مان ڊاڪٽر شامون مل

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف 18 ڏينهن تي به بک هڙتال جاري

ننگرپارڪر(ن ع) ڪارونجهر سڄاڳ فورم جي اڳواڻن الهرکيو کوسو غلام مصطفيٰ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

پ پ ۽ نوازليگ جا ايم اين اي اسلام آباد ۾ نون صوبن لاءِ سرگرم آهن: زين شاهه

27 هين ترميم ۾ جيڪي ترميم ڪئي وئي آهي اها غير قانوني ۽ اسلام جي به خلاف آهي

تقرير ۽ تحرير تي بندش پيل آهي ان ڪري ملڪ ۾ مارشلا ڊڪليئر ڪري ڇڏين ته بهتر آهي

آئين ۽ عدليه جا ليڪا لتاڙيا ويا آهن، ججز ۽ صحافين کان هٿن کي خطرو رهيو آهي، تحريڪ ڪانسواءِ ڪا ٻئي واهه ناهي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ ايڪشن ڪميٽي جي ڪنوينر سيد زين شاهه چيو ته

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ مبينا طور ڪنٽينر اڳيان اچي خودڪشي ڪندڙ نوجوان جي سڃاڻپ بعد لاش وارثن حوالي

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي سچل ٿاڻي جي حد چانڊڪا پل تي هڪ ڏينهن اڳ مبينا طور پاڻ کي ڪنٽينر

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: ايس يو پي سربراهه زين شاهه پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم-II حيدرآباد
ڪرمنل مسڪ ايپليڪيشن نمبر... سال 2025

جاويد اختيار پٽ اختيار علي ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ ڪريم داد خاصخيلي ٽنڊو ڄام تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد....ايپليڪينٽ...خلاف: ايس ايڇ او هٽڙي... ريسپانڊنٽس.. ڪرائيم نمبر 361/2025، يو/ايس 353، 504، 147، 148، 149، 440 پي پي سي، پي ايس هٽڙي.

نالي مٿين ريسپانڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ زير قلم 516 سي آر پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي سوزڪي مهراڻ ڪار رجسٽريشن نمبر BMG-820 چيچس نمبر SB308FK01267595 انجڻ نمبر PKB729094 ماڊل 2018 جي وصولي لاءِ جيڪا مٿي ڄاڻايل ڏوهه ۾ ضبط آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 15-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج اينڊ جي ايم حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج اينڊ جي ايم-II حيدرآباد
ڪرمنل مسڪ ايپليڪيشن نمبر.... سال 2025

غلام باقر پٽ اختيار علي ذات خاصخيلي رهندڙ ڳوٺ ڪريم داد خاصخيلي ٽنڊو ڄام تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد....ايپليڪينٽ...خلاف: ايس ايڇ او هٽڙي....ريسپانڊنٽس. ڪرائيم نمبر 361/2025، يو/ايس: 353، 504، 147، 148، 149، 440 پي پي سي، پي ايس هٽڙي.

نالي مٿين ريسپانڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ زير قلم 516 سي آر پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي موبائل Cannon Techno 20 ۽ سم 03045065905 (2) والٽ جنهن ۾ عدد سم (3) ڪيش رقم -/4000 روپيا (4) اي ٽي ايم ڪارڊ ايڇ بي ايل ٽنڊو ڄام برانچ جيڪو مٿي ڄاڻايل ڏوهه ۾ ضبط آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج اينڊ جي ايم حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر...سال 2025

مسمات ڪلثوم سمون...پلينٽف...خلاف.. صابر حسين شيخ ولد غلام Qambhar ذات شيخ رهندڙ علمدار چوڪ چانڊيو ڳوٺ قاسم آباد حيدرآباد سيل نمبر 03113283766.ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف مسمات ڪلثوم توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 2025-12-17 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

فيملي جج ڄامشورو

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد بودو ولد نواز نهڙيو درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي نواز ولد ملن نهڙيو جيڪو فوت ٿي ويل آهن فوتي کي ديهه ملي 2 ٽپو ملي تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 6 353/AP ۽ ٻين مان ايراضي حصي موجب 52 ايڪڙ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاٿو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاٿي لاءِ جلسي عام ڳوٺ خليفو بودو تعلقو بدين ۾ ڪيو ويو آهي. انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيليان آهن. تفصيل فوتي نواز ولد ملن نهڙيو جي جائز وارثن جا نالا وارثن جا: (1) محمد بودو پٽ فوتي جو (2) عبدالغني پٽ فوتي جو (3) غلام مصطفي پٽ فوتي جو (4) مسمات حوران زال لڪاڏنو ڌيءُ فوتي جي (5) مسمات حاجياڻي زال زڪا الله ڌيءُ فوتي جي (6) مسمات مريم زال فوتي جي جائز وارث ڄڻيا آهن تنهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري، ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاٿو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

شخص فوت ٿي ويو ليازي ڪلري احمد احمد شاهه بخاري روڊ انڪارا مسجد جي ويجهو گهر جي ڇت ڊان ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ سمير ولد خدا بخش فوت ٿي ويو.

بقايا 50 لاش مليو

جهنڊا چوڪ لياقت آباد نمبر 2 ڪباب ولي اسٽريٽ جي ويجهو هڪ فليٽ جي نالي مان ٽئين چاول بار جو لاش مليو بار جي لاش کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي پوليس موجب، لاش فليٽ

بقايا 44 انصاف جو مطالبو

پهچي پنهنجي مڙس جي مبينا ظلمن خلاف پريس ڪانفرنس ڪئي پريس

Invitation to Bid
Procurement of Services for Resource Provisioning for HEC Technical Domains

URAAN PAKISTAN

Higher Education Commission, Pakistan

The Higher Education Commission (HEC), Pakistan invites sealed bids from firms of good repute that are registered with Income Tax and Sales Tax Departments, and fulfill requirements as per bidding document for:

Procurement of Services for Resource Provisioning for HEC Technical Domains

- A bidding document containing detailed terms and conditions is available for the interested bidders at HEC Website and hard copy may also be obtained from Mr. Naveed Tahir, In Charge IT/ Director PERN, Higher Education Commission, Sector H-9, Islamabad, from Monday to Friday during working hours (08:00 am – 04:00 pm).
- Price of the bidding documents, at a cost of Rs. 10,000/-, may be deposited to HEC through bank deposit in HEC's HBL Account no. 17427900133401 (with proper banking receipt that must be submitted to HEC finance for deposit intimation before bid submission date and time.
- Bidding documents can be downloaded free of cost from **http://www.hec.gov.pk.** However, interested bidders will be required to have a registered copy purchased from HEC to participate in the tender process.
- The bidders should submit a bank draft (from the scheduled bank) or pay order of fixed amount Rs. 5,000,000/- which must accompany the bid in a sealed envelope marked as "Bid Security" in favor of Director General (Finance), Higher Education Commission, Islamabad along with the proposal.
- This tender is being executed under PPRA Rule Para 36(b) "Single Stage – Two Envelope Procedure". The bids must be submitted via PPRA – EPADS (e-Pak Acquisition and Disposal System) and must also physically reach the HEC Information Technology (IT) Division, Higher Education Commission, H-9, Islamabad by **1330 hours** on **January 13, 2026 (Tuesday).** Failure to fulfill either of these requirements will result in rejection of bid/bids.
- The bids will be opened on the same day at **1400 hours** at the HEC Lecture Hall, Sector H-9, Islamabad, in presence of bidders who chose to attend physically on the same day.
- The pre-bid meeting will be held on **2:00 PM, December 22, 2025,** at PERN Secretariat, Higher Education Commission, Sector H-9, Islamabad.
- HEC reserves the right to accept/reject any or all the bid/bids at any stage while assigning reason(s) thereof.
- This advertisement is also available at PPRA **(http://www.ppra.org.pk/)** and HEC **(www.hec.gov.pk)** websites.

The Tender Notice, titled, **"Hiring of HR Outsourcing Firm for Recruitment of Technical Staff at HEC"** advertised in the national dailies dated November 30, 2025 vide advertisement No. PID (I) 4487/25 may be treated as cancelled

For queries, email to ntahir@hec.gov.pk, wmasood@hec.gov.pk. PID(I)4936/25

Director (PERN)/In Charge (IT)

Higher Education Commission
Sector H-9, Islamabad, Pakistan.
Phone: 051- 90402227 & 90402247

پي ٽي آءِ تي پابنديءَ جون تياريون

فيضان احمد

پاڪستان تحريڪ انصاف تي پابنديءَ جو خطرو هر گذرندڙ ڏينهن سان گهروتي رهيو آهي. خاص طور تي اڳوڻي آءِ ايس آءِ سربراهه رٽائرڊ جنرل فيض حميد کي فيلڊ مارشل ڪورٽ طرفان 14 سال قيد جي سزا ٻڌائڻ بعد پي ٽي آءِ اڳواڻن تي دٻاءُ نظر اچي رهيو آهي. انهن جي بيانن ۽ سرگرمين مان به اهڙو تاثر ملي رهيو آهي ته سياست جي ڏکين پيچرن تي سندن سفر اٽڪر ٿي ويو آهي. جڏهن ته هن کان اڳ هنن رويي مان اهڙي ڪنهن به امڪاني فيصلي جي پرواهه جي جهلڪ نظر نه پئي آهي. حڪومت طرفان عمران خان جي ملاقات لڳاتار بند رکڻ بعد سندس صحت ۽ زندگيءَ بابت پراسرار افواهن بعد سندس هڪ ڀيڻ کي ملڻ جي اجازت ڏيڻ بعد توڙي ان کان اڳ، ميڊيا تي حڪومت خلاف مهم ۽ چار ڏينهن پنجاب اسيمبليءَ طرفان پارٽيءَ تي پابنديءَ جو ٺهراءُ منظور ڪرڻ باوجود پي ٽي آءِ جو رويو نرم نه ٿيو هو ۽ پاڻ تي لڳندڙ هر الزام کي ان جا اڳواڻ باغياڻي انداز ۾ رد ڪندا رهيا هئا. پنجاب اسيمبلي طرفان منظور ڪيل ٺهراءُ ۾ پي ٽي آءِ کي دشمن ملڪ لاءِ استعمال ٿيڻ جا الزام لڳڻ يا آءِ ايس پي آر ڊائريڪٽر جنرل احمد شريف چوڌري طرفان پنهنجي غير معمولي پريس ڪانفرنس ۾ ملڪي سلامتيءَ لاءِ خطرو قرار ڏيڻ، باني پي ٽي آءِ کي ذهني مريض ڪوٺڻ ۽ الطاف حسين جهڙا امڪاني نتيجا ڀوڳڻ واريون ڳالهيون ڪرڻ سميت ڪيتريون ئي ڌمڪيون پيش آيون. جنهن دوران ڪي پي ڪي وڏي وزير سهيل آفريدي طرفان پڻ 5300 ارب روپين جي ڪرپشن واري معاملي تي لڳاتار ادارن مٿان تنقيد ڪئي ورجائڻ ۽ حڪومتي ترجمانن طرفان مائينس عمران خان يا مائينس پوري پي ٽي آءِ جا بيان اچڻ بعد نيٺ فيض حميد جو فيصلو اچي ويو. جيڪو پي ٽي آءِ چاتيءَ ۾ لڳل ڪنهن چاپڙ کان گهٽ نه آهي. اسٽيبلشمينٽ جي اڻ اعلانيل ترجمان فيصل واوڊا طرفان اهو چوڻ ته “فيض حميد عمران خان خلاف ثبوتن سميت شاهدي ڏيندو” به اهميت وٺڻ لڳو ڇاڪاڻ ته واوڊا جي ٻهرائي يا حدون اورانگهي بيان ڏيڻ ٻهريان ته هر ڪنهن کي خراب لڳندو هيو پر هن جون سموريون اڳڪٿيون سچ ثابت ٿيڻ مان طئه ٿي ويو ته هو پير پاڳاري ۽ شيخ رشيد بعد اسٽيبلشمينٽ بابت اهڙيون اڳڪٿيون ڪندڙ آهي، جيڪي سچ ثابت ٿين ٿيون.

عمران خان جي خانداني فردن تي اڊيالا جيل ٻاهران تشدد، واٽر ڪينن استعمال ڪرڻ، ڪي پي ڪي وڏي وزير سهيل آفريديءَ کي به ملاقات جي اجازت نه ڏيڻ ۽ ٻين حربن بعد پي ٽي آءِ چيئرمين گوهر خان طرفان حڪومت کي معاملا ٿڌي نموني حل ڪرڻ ۽ پارٽيءَ تي پابنديءَ جا خطرناڪ نتيجا نڪرڻ وارين ڌمڪين، مسلم ليگ (ن) کي ڇڏي باقي سمورين پارٽين جي ڪانفرنس سڏائڻ، جهڙن قدمن دوران لڳي ائين ٿو ته پارٽيءَ کي احساس ٿي ويو آهي ته عمران خان توڙي پارٽيءَ جي حوالي سان ڪو اهم فيصلو اچڻ وارو آهي. جڏهن ته عمران خان راولپنڊيءَ جي اڊيالا جيل مان بلوچستان جي مچ جيل منتقل ڪرڻ جون تياريون پڻ پي ٽي آءِ لاءِ پريشاني جو سبب بڻجي رهيون آهن. اهڙين حالتن ۾ رياست ۽ عدليه مان مايوس پي ٽي آءِ اڳواڻن گرم سياسي صورتحال تي غور ويچار بعد 23 رڪني سياسي ڪميٽي جوڙي ڇڏي آهي. اها ڪميٽي پارلياماني ونگز ۽ اسيمبلين جي ميمبرن جي پاليسيءَ بابت فيصلا ڪندي سياسي ڪميٽي ۾ بئريسٽر گوهر علي خان، سلمان اڪرم راجا، خيبر پختونخواهه جو وڏو وزير سهيل آفريدي، اسد قيصر، عمر ايوب، شبلي فراز، جنيد اڪبر، شيخ وقاص اڪرم ۽ ٻيا اڳواڻ شامل آهن. محمود خان اڇڪزئي ۽ علامه راجا ناصر عباس به سياسي ڪميٽي جو حصو آهن. آزاد ڪشمير ۽ گلگت بلتستان جا نمائندا به ڪميٽي ۾ شامل ڪيا ويا آهن.

ان فيصلي پويان، رهنمائيءَ لاءِ باني پي ٽي آءِ سان ملاقات جون اميدون ختم ٿيڻ ۽ پارٽي جي حوالي سان واڳ ڏٽين پاران ڪو خطرناڪ فيصلو ٿيڻ واري امڪان کي رد نٿو ڪري سگهجي. جڏهن ته قانوني ماهرن جو چوڻ آهي ته پارٽيءَ تي پابنديءَ جي حوالي سان ڪهڙو به قدم کنيو وڃي، پر آخري فيصلو سپريم ڪورٽ کي ڪرڻو آهي.



حقيقي احتساب ۽ من پسند احتساب

فريد احمد

اڳوڻي ڊي جي ‘آءِ ايس آءِ’ ليفٽيننٽ جنرل رٽائرڊ فيض حميد کي 15 مهينن تائين جاري رهندڙ ڪورٽ مارشل مڪمل ٿيڻ بعد ٻڌايل 14 سال قيد جي سزا ميڊيا ۾ ڪيترن ئي بحثن کي جنم ڏنو آهي. جنهن ۾ سڀ کان اهم سوال اهو آهي ته ڇا اِهو فيصلو واقعي فوج اندر احتساب جا دروازا کوليندو يا اهو فيصلو ڪو ٻيو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ‘من پسند احتساب’ آهي؟ ۽ ان فيصلي بعد ڪير ڪير وڪڙ ۾ ايندو؟

ٻه ڏينهن اڳ جنرل (ر) فيض حميد کي ٻڌايل سزا جي حوالي سان آءِ ايس پي آر طرفان جاري ڪيل پريس رليز ۾ اهو به چيو ويو ته “جنرل فيض حميد جو ڪيس اڃا ختم ناهي ٿيو. پر مٿس سياسي ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ ۽ ڪجهه ٻين معاملن ۾ ملوث هجڻ واري الزام کي ڊار ڪري ڏٺو پيو وڃي.” ۽ حڪومت جو به چوڻ هئي مرحلي جي ڳالهه ڪري رهي آهي ۽ جنرل فيض حميد جي ٽرائل يا ڪارروائيءَ جي ايندڙ مرحلي کي عمران خان لاءِ خطرو قرار ڏنو پيو وڃي.

اسٽيبلشمينٽ جي ويجهو سمجهيو ويندڙ سينيٽر فيصل واوڊا دعويٰ ڪئي آهي ته “جنرل فيض حميد عمران خان خلاف ثبوتن سان شاهدي ڏيڻ وارو آهي. جنهن کان پوءِ عمران خان 9 مئي وارن ڪيسن جي پڪڙ ۾ اچي ويندو.” بهرحال، هن اڳوڻي آرمي چيف جنرل قمر جاويد باجوه کي آجو قرار ڏنو ۽ چيو ته “جنرل (ر) باجوه جو ڪردار نااهلي ۽ غفلت جي حد تائين هو.”

فيصل واوڊا جي اهڙي ڳالهه اداري اندر احتساب جي ساک تي سوال اٿاري ڇڏيا آهن ۽ جنرل (ر) فيض حميد بابت آيل فيصلي ۽ ان جي وقت بابت چئي ته “رٽابندي” جو تاثر جُڙي رهيو آهي. اهو تاثر تڏهن ختم ٿي سگهندو، جڏهن احتساب ـ انصاف خاطر هڪجهڙو ٿيندي نظر ايندو. بهرحال جنرل فيض حميد جي ڪيس ۾ جتي فيصل واوڊا عمران خان جي ٽي نواز شريف کي اقتدار تان هٽائي، قيد ڪري، ڊانڊليءَ ذريعي عمران خان کي اقتدار ۾ آندو ۽ ان سڄي منصوبي تي عمل حميد جي اڳوڻيءَ ۾ ٿيو جيڪو اختيار اورانگهي عمران خان جي مفادن جو تحفظ ڪندو رهيو. اهڙي طرح ٻنهي ڄڻن گڏجي ملڪي سياست ۽ معيشت کي ڇيهو رسايو. 9 مئي وارن واقعن پويان به فيض حميد جي سوچ ۽ رٿابندي هئي. جڏهن ته ڪارندا پي ٽي آءِ فراهم ڪيا هيا.”

فيض حميد تي رهائشي سوسائٽي جي تڪرار، بلڊر جي گهر تي ڇاپي دوران وڏي مقدار ۾ هٿ ڪيل سون ڦٻائڻ، رٽائرڊ ٿيڻ بعد ڳجهي اداري جا دستاويز پاڻ سان کڻي وڃڻ، پارليامينٽ جي ميمبرن تي دٻاءُ ڪري ٺهراءُ منظور ڪرائڻ لاءِ ووٽ وٺڻ، افغانستان مان ٿيندڙ دهشتگرديءَ جي سهولتڪاريءَ جهڙا ڪيترائي الزام آهن. ڪورٽ مارشل ۾ مليل سزا خلاف هو آرمي چيف وٽ يا هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪري سگهي ٿو.

هاڻي جڏهن ڪيس رڳو 4 الزامن ۾ سزا ملي آهي ته ڪجهه سياسي تجزيا ڪار چون ٿا ته “فيض حميد جي ڪيس ۽ سزا جا تفصيل في الحال هڪ پاسي ڪان اچي رهيا آهن، هو پنهنجي واتان ڇا ٿو چوي؟ هن جو پنهنجو موقف اڄان تائين عوام آهي ته “فيض حميد خلاف ٻيا به ڪيس نهڻ جي گنجائش آهي ۽ ٻيو مرحلو اڃان اچڻو آهي.” ان ڪري چوپول وڏي رهيا آهن ته جنرل فيض حميد جو معاملو رڳو ايستائين محدود نه رهندو، پر ‘پي ٽي آءِ’ جي باني عمران خان تائين به ويندو ۽ اڳوڻو آرمي چيف جنرل (ر) باجوه به وڪڙ ۾ اچي سگهي ٿو.

اهم ڳالهه اها آهي ته جلسن کي خطاب دوران جنرل (ر) فيض حميد ۽ قمر باجوه جا نالا کڻي مٿن الزام هڻندڙ نواز شريف هاڻي جڏهن فيض حميد بابت فيصلو آيو آهي ته ٽاپر ۾ آهي ۽ هن پارٽي اڳواڻن سان ڳالهه ٻولهه دوران جنرل فيض جي سزا جو ذڪر به نه ڪيو. جيتوڻيڪ ماضيءَ ۾ هو جنرل فيض حميد ۽ جنرل باجوه جي احتساب جو مطالبو ڪندو هيو.

ان جي ابتڙ ايترو ضرور ٿيو آهي ته پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌريءَ چيو آهي ته “جنرل فيض حميد کي سزا ڏيڻ جو فيصلو پهريون مرحلو آهي، ٻيو مرحلو اڃان رهيل آهي، جنهن ۾ جنرل فيض جي غير آئيني سرگرمين جي سهولتڪارن ۽ فائدو وٺندڙن خلاف قانون پنهنجو رستو وٺندو.”

حڪومت جنرل فيض حميد جي سزا يا ڪارروائيءَ جي قاسڻ ۽ جنرل (ر) باجوه جي بري هجڻ جي ڳالهه ڪري رهيو آهي. اتي بچاءُ واري وزير خواجه آصف جو موقف ڪجهه مختلف آهي.

خواجه آصف هڪ نجي ٽي وي چينل سان ڳالهائيندي جنرل (ر) باجوه کي عمران خان سان گڏ جوابدار قرار ڏيڻ واري امڪان کي رد نه ڪيو ۽ چيو ته “جنرل باجوه جي رضامنديءَ کان سواءِ جنرل فيض حميد ڪجهه به نه ڪري سگهي ها. فيض حميد جو ڪيس ڪنهن به حد تائين وڃي سگهي ٿو ان جي خلاف وڌيڪ ڪيس داخل ڪرڻ جي گنجائش آهي.” خواجه آصف اها به دعويٰ ڪئي ته “اڳوڻي آرمي چيف جنرل باجوه هاڻوڪي آرمي چيف فيلڊ مارشل عاصم منير جي مقرريءَ کي روڪڻ لاءِ اقتدار تي قبضو ڪرڻ جي به ڌمڪي ڏني هئي، ۽ پورا اٺ ڏينهن مون کي ۽ اياز صادق کي چڪر ڪاٽرايا هئا.”

مسلم ليگ (ن) سمجهي ٿي ته “عمران خان جو پراجيڪٽ 12 سال اڳ جڏهن شروع ڪيو ويو هو تڏهن جن اڻ ڏٺل هٿن لاهور ۾ پي ٽي آءِ جو جلسو ڪامياب ڪرايو هو، انهن آڏو ناهي آيو.”

ان باوجود اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي وزنائتي ضرور آهي ته ايتري وڏي عهدي تي رهندڙ ڪنهن فوجي آفيسر جو پهريون پيرو احتساب ٿيو آهي. جيڪڏهن جنرل باجوه بابت اٿندڙ سوالن جا جواب به ساڳي ئي انداز ۾ آيا ته احتساب جي هن غير معمولي عمل تي ڪو به آڱر نه کڻي سگهندو ۽ نه چئي سگهندو ته ‘من پسند احتساب’ ٿي رهيو آهي، ويتر حڪومت ۽ انهن جي ادارن تي ماڻهن جي اعتماد ۾ واڌارو ٿيندو.

گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول سينٽر جيل ۾ ثقافتي ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو

ثقافتي تقريب ۾ شاگردياڻين ۽ شاگردن سنڌي ثقافت جي اهميت بابت تخليقي منصوبا پڻ تيار ڪيا

پروگرام ۾ ٽيبلو، ڊراما، تقريرون، شاعري ۽ چارٽ مقابلا والدين پڻ سرگرمين ۽ نمائش مان تمام گهڻو لطف اندوز ٿيا

هن پروگرام جي ڪاميابي جو سهرو سڀني استادن جي محنت، تعاون ۽ گڏيل ڪوشش کي وڃي ٿو: هيڊ مسٽريس طريبه حور قريشي

حيدرآباد: گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول سينٽر جيل ۾ منعقد ثقافتي تقريب جو ڏيک

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) گورنمينٽ گرلس پرائمري اسڪول سينٽر جيل ۾ ثقافتي ڏهاڙو وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو. تقريب ۾ ايس ايم سي ڪاميٽي جي ميمبرن ۽ والدين کي به دعوت ڏني وئي. شاگردن مختلف سرگرمين ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي پروگرام ۾ ٽيبلو ڊراما، تقريرون شاعري ۽ چارٽ مقابلا شامل ڪرايا ويا جنهن ۾ شاگردياڻين ۽ شاگردن سنڌي ثقافت جي اهميت بابت تخليقي منصوبا پڻ تيار ڪيا. استادن پاران هڪ الڳ ثقافتي ڪارنر تيار ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌي ثقافت، روايتي لباس، رسمون ۽ سنڌي ماڻهن جا پيشا ڏيکاريا ويا. شاگردن ۽ والدين انهن سرگرمين ۽ نمائش مان تمام گهڻو لطف اندوز ٿيا. تقريب جي آخر ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ هيڊ مسٽريس مس طريبه حور قريشي طرفان ورهايا ويا. هيڊ مسٽريس طريبه حور قريشي خطاب ڪندي چيو ته هن پروگرام جي ڪاميابي جو سهرو سڀني استادن جي محنت، تعاون ۽ گڏيل ڪوشش کي وڃي ٿو...

منگهوپير ٽائون جي چيئرمين پاران مائي ڳڙهي جو تفصيلي دورو

ڪلوميٽر ڊگهي مرڪزي شاهراهه جي ڪارپيٽنگ جي ڪم جو جائزو ورتو

هي شاهراهه ڪراچي جي مختلف علائقن کي پاڻ ۾ ڳنڍيو ٿي: حاجي نواز علي بروهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير ٽائون جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي يوسي 1 جي اهم علائقي مائي ڳڙهي جو تفصيلي دورو ڪيو جتي نادرن بائي پاس کان درگاهه مائي ڳڙهي تائين تي ڪلوميٽر ڊگهي مرڪزي شاهراهه جي ڪارپيٽنگ جو ڪم تيزي سان جاري آهي. هي شاهراهه نه صرف ڪراچي جي مختلف علائقن کي پاڻ ۾ ڳنڍيو ٿي پر سنڌ ۽ بلوچستان کي ملائڻ وارو اهم رستو پڻ آهي. خراب حالت سبب عوام کي گهڻي وقت کان تڪليفن کي منهن ڏئي رهي هئي. هاڻي هن اهم روڊ جي بحالي ۽ ڪارپيٽنگ جو ڪم ڪلڪ جي سهڪار سان ڪيو پيو وڃي...

ڪراچي: ڊي ايم سي منگهوپير چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ڪم جو معائنو ڪندي

گهوڙڪي ۾ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي مناسبت سان تقريب

ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان خوبصورت ٽيبلوز، روايتي لباس ۽ ثقافتي خاڪا پيش

سنڌي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ مختلف اسٽال به لڳايا ويا، جن تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا

گهوڙڪي (ن ع) گهوڙڪي گورنمينٽ گرلز هائير سيڪنڊري اسڪول گهوڙڪي ۾ سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي مناسبت سان هڪ شاندار ۽ رنگا رنگ تقريب جو اهتمام ڪيو ويو تقريب جي صدارت اسڪول جي سينيئر پرنسپل ميڊم زرينا اوڊو ۽ وائس پرنسپل ميڊم رابعه ظهور ڪئي ان موقعي تي شاگردياڻين طرفان سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي حوالي سان خوبصورت ٽيبلوز روايتي لباس ۾ ثقافتي خاڪا، سنڌي گيتن تي رقص ۽ سنڌ جي هزارين سالن پراڻي تهذيب ۽ ثقافت بابت تقريرون پيش ڪيون ويون...

مسوپرگوٺي لڳ ڳوٺ غلام حيدر جوڻيو ۾ ثقافتي تقريب، قومي گيتن جي گونجار

مسوپرگوٺي (ن ع) مسوپرگوٺي لڳ ڳوٺ غلام حيدر جوڻيو ۾ ثقافتي ڏهاڙو جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو...

خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ٽيالي ڳهٽي جو رهواسي نوجوان گم، اغوا جو شڪ

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ٽيالي ڳهٽي جو رهواسي 28 سالا نوجوان درشن ڪمار پٽ ڪشن چند گذريل ٽن ڏينهن کان لاپتا وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر...

دادو: فيمليءَ پارڪ قائم ڪرڻ لاءِ چيئرمين دورو ڪري رهيو آهي

دادو ۾ فيمليءَ پارڪ قائم ڪرڻ لاءِ چيئرمين جو دورو

چوڌري افضل ڪڏا پاڙا بلوچ محلا ۾ ريلوي گرائونڊ جو تفصيلي دورو ڪيو

شهر جي خوبصورتي ۽ عوام لاءِ تفريحي سهولتن لاءِ فيملي پارڪ جوڙايون پيا: چوڌري افضل

دادو (ن ع) دادو جي ڪڏا پاڙا ۾ ريلوي گرائونڊ ۾ ٽن ايڪڙن تي فيمليءَ پارڪ قائم ڪرڻ لاءِ چيئرمين ٽائون ڪميٽي دادو چوڌري وسيم افضل راجپوت، وائيس چيئرمين حاجي ابرار حسين گو رچاڻي ۽ ٽائون ڪميٽي جي ڪائونسلرن ۽ عملي سان گڏ ڪڏا پاڙا بلوچ محلا ۾ ريلوي گرائونڊ جو تفصيلي دورو ڪيو جتي (3) ٽن ايڪڙن تي مشتمل فيملي پارڪ جي منصوبي کي عملي طور تي شروع ڪرڻ لاءِ زمين جو معائنو ڪيو ويو. چيئرمين جنهن ۾ چيئرمين سرگرم آهي ۽ لاڳاپيل عملي کي منصوبه بندي بابت ضروري هدايتون جاري ڪيون. هن چيو ته شهر جي خوبصورتي ۽ عوام لاءِ تفريحي سهولتن کي وڌائڻ لاءِ هڪ وڏو ۽ جديد فيملي پارڪ تيار ڪيو پيو وڃي، جنهن جو ڪم جلدي باقاعدگي سان شروع ڪيو ويندو. دوري دوران ڪائونسلر محمد ياسين بروهي، غلام حسين ديناري، حاجي محمد عرس لاشاري، روي ڪمار راٺوڙ ۽ ٽائون ڪميٽي جا آفيسر آصف فرحان خانزادو، ذيشان علي مري ۽ راشد علي رحماني پڻ موجود هئا...

سيوهڻ گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول مثالي ادارو آهي: خان محمد سهتو

تعليم يافته ۽ مهارت رکندڙ شخص جي تقدير پاڻ اڳتي وڌڻ تي بدل هوندي آهي

استادن تي وڏي ذميواري آهي ته اهي پنهنجي قوم جي ٻارن کي علمي ۽ فني تعليم فراهم ڪن

سيوهڻ (رپورٽ: فقير محمد عباسي) سيوهڻ گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول جي پرنسپل خان محمد سهتو چيو ته الله جي رضا خاطر ۽ ملڪ ۽ قوم کي ترقي يافته قومن ۾ اڳواڻ طور پيش ڪرڻ لاءِ اڄ جا شاگرد روشن مستقبل جا معمار آهن...

سيوهڻ: گورنمينٽ هاءِ اسڪول جو پرنسپل خان محمد سهتو عبرت رپورٽر فقير محمد عباسي سان ڳالهائيندي

وڳڻ لڳ ميرواهه شاخ پرسان اڻ ڪنين تان بجلي جون تارون چوري

يارنهن هزار وولٽ جون تارون سيپڪو نصيرآباد جي نااهلي سبب چور لاهي ويا

ماهي دريان سميت ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن جي بجلي گذريل ڇهن ڏينهن کان بند

سکر ضلعي ۾ سياڙي کان شروع ٿيندڙ پوليو مهم بابت ڊي سي پاران اهم اجلاس

اها فخر جي ڳالهه آهي ته پوليو مهم ۾ سکر ضلع جي ڪارڪردگي ٻين ضلعن لاءِ مثال آهي: ڊي سي

پوليو خلاف قومي مهم ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت، ڪوتاهي يا غير سنجيدگي برداشت نه ڪئي ويندي

مهم دوران سمورا اسسٽنٽ ڪمشنر فيلڊ ۾ روانو ٿيڻ کان اڳ ٽيمن سان موجودگي يقيني بڻائڻ، ٽيمن کي پيش ايندڙ مسئلا فوري حل ڪيا وڃن

...هدايت ڪئي ته مهم دوران سمورا اسسٽنٽ ڪمشنر فيلڊ ۾ روانو ٿيڻ کان اڳ ٽيمن سان موجودگي يقيني بڻائڻ. ٽيمن کي پيش ايندڙ مسئلا فوري حل ڪيا وڃن ۽ بغير ڪنهن دير جي ٽيمون فيلڊ ۾ روانو ڪيون وڃن ڊپٽي ڪمشنر وڌيڪ هدايتون ڏنيون ته اسسٽنٽ ڪمشنر سان جامع مانيٽرنگ پلان فوري شيئر ڪيو وڃي ۽ ان تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر واضح ڪيو ته سردين جي اها مهم انتهائي اهم آهي ۽ ان ۾ سو سيڪڙو نتيجا حاصل ڪرڻ لازمي آهن. ڪنهن به سطح تي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. هن چيو ته مهم دوران اسڪولن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي ۽ سردين جي موڪلن کان اڳ ابتدائي ڏينهن ۾ سڀ اسڪول مڪمل طور تي ڪور ڪيا وڃن ته جيئن مقرر ڪيل ٽارگيٽ وقت سر حاصل ٿي سگهن. اجلاس جي پڄاڻي تي ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان ضلع ۾ پوليو خلاف مهم ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکارڻ وارن آفيسرن ۽ پوليو ورڪرن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهايا، جڏهن ته اجلاس کي لاڳاپيل آفيسرن پاران ايندڙ پوليو خلاف مهم جي تيارين ۽ هاڻي تائين ڪيل سرگرمين بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي...

سکر: ڊپٽي ڪمشنر نادر شهزاد خان پوليو مهم جي حوالي سان اجلاس جي صدارت ڪندي

سکر جي علائقي قريشي ڳوٺ جي رهواسي شيخ برادري جو احتجاج

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي قريشي ڳوٺ جا رهواسي شيخ برادري سان تعلق رکندڙ گل حسن شيخ ۽ ڪريم بخش شيخ، پنهنجي بااثر سڱي چاچي مولا بخش شيخ ۽ سندس پٽن جي مبينا ظلم زيادتين ۽ ناانصافين خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو...

نيو سکر ۾ مائيڪرو ٽاور ويجهو ڊسپوزل منصوبي جي تعميراتي ڪم ٻيهر بحال

سکر (بيورو رپورٽ) نيو سکر جي اسسٽنٽ ڪمشنر وسيم مهر مدينه ڪالوني نيو سکر ۾ مائيڪرو ٽاور ويجهو ڊسپوزل منصوبي جي تعميراتي ڪم کي ٻيهر بحال ڪرائي ڇڏيو...

ڪوٽ غلام محمد ۾ ثقافتي سرگرميون جاري

سيف جي فائونڊيشن اسيسٽڊ سنرائيز ايليمينٽري اسڪول ۾ تقريب

ٻارڙن روايتي سنڌي ثقافتي ويس ٻهري سنڌي گيتن تي شاندار ٽيبلوز پيش ڪيا

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) سنڌي ميڊيا پاران 7 ڊسمبر تي اعلانيل ثقافتي ڏهاڙو ختم ٿيڻ باوجود ڪوٽ غلام محمد ۾ ثقافتي سرگرميون جاري آهن سيف جي فائونڊيشن اسيسٽڊ سنرائيز ايليمينٽري اسڪول گل حسن ڀرڳڙي ايٽ خادم حسين ڀرڳڙي ۾ “صورت جي آزادي، سنڌ جي خوشحالي” جي سري هيٺ رنگارنگ ثقافتي تقريب منعقد ڪئي وئي...

ڪوٽ غلام محمد: سيف جي فائونڊيشن اسيسٽڊ سنرائيز ايليمينٽري اسڪول ۾ ثقافتي تقريب ۾ شاگرد رقص ڪندي

ٿرپارڪر ضلعي ۾ خودڪشين جو رجحان گهٽجي نه سگهيو

افسوسناڪ واقعا روز جو معمول بڻجي ويا، خودڪشين جا به الڳ الڳ واقعا

گهرڀاتي اڻبڻت تان 25 سالن جي ناري اڳهات ڳوٺ ٽيڪمسر ۾ ڦاهي کائي خودڪشي ڪئي

مٺي (ڊ ر) ضلعي ٿرپارڪر ۾ خودڪشين جو رجحان گهٽجي نه سگهيو ۽ اهڙا افسوسناڪ واقعا روز جو معمول بڻجي رهيا آهن...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

ABC CERTIFIED

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

روزاني عبرت

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلپلر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277

Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191

Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 14 ڊسمبر 2025ع

انتهاپسند سوچ خلاف آرمي چيف جو پُختو عزم!

پاڪستان هن وقت اهڙي دور مان گذري رهيو آهي جتي قومي سلامتي، سياسي استحڪام ۽ سماجي هم آهنگي هڪ ٻئي سان ڳنڍيل آهن. اندروني انتشار، انتهاپسند سوچ ۽ رياست کي ڪمزور ڪرڻ واريون قوتون رڳو سلامتيءَ جو مسئلو ناهن رهيون پر قومي بقا لاءِ هڪ سنجيده چئلينج بڻجي چڪيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز (سي ڊي ايف) فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو اهو واضح بيان ته 'پاڪ فوج اندروني ۽ ٻاهرين چئلينجن سان منهن ڏيڻ لاءِ مڪمل طور تي تيار ۽ پُرعزم آهي' رياست لاءِ هڪ اهم ۽ حوصلي واري عزم طور ڏٺو پيو وڃي. گذريل ڏينهن آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير گوجرانوالا ۽ سيالڪوٽ گيريزن جو دورو ڪيو. دوري دوران فيلڊ مارشل کي فارميشن جي آپريشنل تيارين، جنگي صلاحيتن ۽ جديد ٽريننگ نظام بابت بريف ڪيو ويو. فيلڊ مارشل پاران ٽيڪنالاجيءَ سان هم قدم رهڻ تي زور ڏيڻ انتهائي اهم آهي، ڇاڪاڻ ته هاڻ جنگ رڳو سرحدن تي نه پر ذهني ۽ سائبر ميدان ۾ به وڙهي وڃي ٿي. دشمن قوتون سڌي جنگ بدران هاڻي پروپيگنڊا، نفرت انگيز مواد ۽ سماجي ۾ ويڇا پيدا ڪرڻ ذريعي رياستن کي ڪمزور ڪرڻ جون ڪوششون ڪن ٿيون. اهڙي صورتحال ۾ حالتن کان باخبر رهڻ ۽ بروقت فيصلا ڪرڻ ئي ڪاميابيءَ جي ڪُنجي آهي.

فيلڊ مارشل جو آفيسرن ۽ جوانن سان سڌو سنئون رابطو ۽ انهن جي بلند حوصلن جي ساراهه به وڏي اهميت رکي ٿي. فوج جي طاقت صرف هٿيارن يا ٽيڪنالاجيءَ ۾ نه پر ان جي سپاهين جي جذبي، نظم ۽ قومي سلامتيءَ لاءِ اٽل عزم ۾ هوندي آهي. جڏهن قيادت پاڻ ميدان ۾ اچي جوانن سان ڳالهائي ٿي ته ان سان نه رڳو اعتماد وڌي ٿو پر دنيا ۾ اهو پيغام وڃي ٿو ته رياست پنهنجي محافظن سان گڏ بيٺل آهي. مقصد تي ٻڌل تربيت تي زور ڏيڻ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿو ته مستقبل جا چئلينج آسان نه هوندا پر ڀرپور تياريءَ سان هر قسم جي خطري کي منهن ڏئي سگهجي ٿو.

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو تقسيم پسند قوتن بابت بيان خاص طور تي غور طلب آهي. پاڪستان جي تاريخ شاهد آهي ته جڏهن به ملڪ اندر انتشار لساني، مذهبي يا سياسي بنيادن تي ورچ پيدا ڪئي وئي، تڏهن قومي استحڪام کي سخت نقصان پهتو آهي. اهڙيون قوتون ڪڏهن اندروني طور ته ڪڏهن ٻاهرين دنيا ۾ موجود پنهنجي آقائن جي مدد سان سرگرم ٿينديون رهيون آهن. انهن جو مقصد رياست کي ڪمزور ڪرڻ، عوام ۾ بي اعتمادي پيدا ڪرڻ ۽ ادارن کي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون آڻڻ رهيو آهي. باوجود ان جي پاڪ فوج جو اهو عزم ته هو اهڙين قوتن سان هر سطح تي مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهي، رياست جي مضبوط هجڻ جو اشارو آهي. پاڪ فوج هميشه پنهنجي پيشاورانه ذميوارين کي سنجيدگيءَ سان نڀائي رهي آهي. اهڙي قيادت ۽ اهڙي تياري قوم لاءِ اعتماد جو سبب بڻجي ٿي. بهرحال قومي استحڪام جو خواب تڏهن ئي پورو ٿي سگهي ٿو جڏهن سلامتي، سياست ۽ سماج هڪ ئي رُخ ۾ هجن. ان حوالي سان فيلڊ مارشل جو بيان واضح پيغام ڏئي رهيو آهي ته رياست پنهنجي دشمنن، پوءِ اهي اندروني يا ٻيروني هجن انهن جي آڏو بيوس نه آهي. بلڪ اها ذميواري رياستي ادارن ۽ سياسي قيادت تي به لاڳو ٿئي ٿي ته اهي پنهنجي ڪردار کي سمجهن ۽ ملڪ کي ورهاست بدران اتحاد جي راهه تي آڻين. ڇو ته مضبوط پاڪستان صرف فوج سان نه پر مضبوط قوم سان وجود ۾ اچي ٿو.

بهرحال اسان ته اهوئي چونداسين ته چيف آف ڊفينس فورسز ۽ آرمي چيف فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جو ورهاست ۽ انتهاپسند سوچ خلاف پُختو عزم ظاهر ڪري ٿو ته ملڪ دشمن قوتون هڪ ڀيرو ٻيهر سازشون ڪرڻ ۾ رُذل آهن پر انهن کي قوم جي اتحاد سان ئي شڪست ڏئي سگهجي ٿي. جڏهن ته ان حوالي سان سياسي ۽ عسڪري قيادت کي پڻ هڪ ئي موقف اختيار ڪرڻو پوندو.

زراعت کاتو ۽ آبادگارن کي سنڌ بئنڪ ذريعي ملندڙ سبسڊي!



رحمت الله ٻرڙو

تازو سنڌ حڪومت زراعت کاتي ذريعي آبادگارن يعني ڪاتيدارن، (نه کي هارين کي)، ڇو ته هاري خود ڪاتيدار ناهي هوندو پڻ سبسڊي ڏني آهي. اها سبسڊي تمام وڏي رقم ۽ آساني طريقي سان ڏني پئي وڃي. ان شفافيت ۾ سنڌ بئنڪ جي نااهل، نان ٽيڪنيڪل ۽ سُست اسٽاف جي ڪري آبادگار جيڪو ڪاتيدار آهي، سو پڻ متاثر ٿئي ٿو وقت سِر پئسا نه ملي سگهڻ ۽ مارڪيٽ جي بليڪ مارڪيٽنگ ۽ وياج جو لاڳو ٿيڻ پئسا وقت تي نه ملڻ ڪري ڪاتيدار کي برداشت ڪرڻو ٿو پوي. ان جو وڏو سبب بئنڪ جي نااهل ۽ سست سروس ڪري پڻ ٿيو آهي. حڪومت ڪيترين ئي دعوائون ڪري پر سنڌ بئنڪ جڻ ته پيپلز پارٽيءَ جي زراعت دوستي، سنڌ حڪومت جي ڪاڪردگي ۽ زراعت کاتي جي شفافيت واري ڪارڪردگيءَ تي جڻ ته سواليه نشان بڻجي وئي آهي. انهيءَ سموري عمل جي جانچ ٿيڻ کپي ته آخر سنڌ بئنڪ جڏهن اهو ڪانٽريڪٽ يا معاهدو پئي ڪيو ته ڇا ڪين ان ايم او يو ۾ شامل نه ڪيو هو ته سنڌ بئنڪ پنهنجيون خدمتون ٽرت اسٽاف ذريعي وقت سر مهيا ڪندي يا سنڌ حڪومت ۽ زراعت کاتي جڏهن سنڌ بئنڪ سان ايم او يو صحيح ڪئي هوندي ته ڪاتيدارن کي فوري طور سروس مهيا ڪندي، ضرور اهي سموريون ڳالهيون شامل ٿيون هونديون. پر افسوس جو سنڌ بئنڪ جي عملي جي سست رفتاريءَ واري سروس جڻ ته خود سنڌ بئنڪ، زراعت کاتي ۽ سنڌ حڪومت جي زراعت دوست پاليسي ۽ خدمتن تي سواليه نشان هڻائي ڇڏيو آهي. تازو سوشل ميڊيا تي سموري سنڌ جي مختلف علائقن مان جتي جتي سنڌ بئنڪ جون برانچون قائم آهن، اتي آبادگار جيڪو ڪاتيدار آهي سوين نه پر هزارين ماڻهن جي قطار لڳي پئي آهي ۽ عملو سُستيءَ سان نه ڪري ڪيترائي ڪارڪردگيءَ تي سوال پيدا ڪيا آهن. جيئن جڏهن زراعت کاتي درخواست سان گڏ روينيو ڏي ڪاتيدارن جو روينيو ريڪارڊ موڪليو ته خود روينيو ريڪارڊ اپڊيٽ نه هجڻ سبب آن لائين ڪرڻ واري سسٽم ۾ نات فائونڊ جي اچڻ سبب روزانو سوين فارم يا درخواستون پڻ زراعت کاتي کي واپس ڪيون پيون وڃن. جنهن سبب وري زراعت کاتي جو هر تعلقي ۾ عملو پريشان پئي ٿيو. اتي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته روينيو ريڪارڊ اپڊيٽ نه هجڻ سان زراعت کاتي جو ڪهڙو ڏوهه جو اوهان نات فائونڊ جي آپشن تي سموري سنڌ جي هر تعلقي آفيس مان سوين فارم روزانو ۽ ايئن گڏيل طور پوري سنڌ مان روزانو هزارين ڪاتا ۽ سموري مهم دوران لکين ڪاتيدار نات فائونڊ واري آپشن ۾ اچي سبسڊيءَ جي سهولت کان فائدو وٺي نه سگهيا. اڳوڻي ڊي جي ايگريڪلچر ايڪسٽينشن سنڌ هاري ڪارڊ واري مهم دوران چيو هو ته سنڌ جو روينيو ريڪارڊ اپڊيٽ نه هجڻ سبب ۽ فوتي کاتن کي ٽرانسفر ڪرائڻ ۾ رشوت جو گهڻو هجڻ به آهي ته غريب ڪاتيدار زمينون ٽرانسفر نٿو ڪرائي سگهي. جنهن ڪري اڪثر کاتا پوٽن ۽ پٽن جي نالي نه پر ابن ۽ ڏاڏن جي نالي آهن. جنهن ڪري روينيو ريڪارڊ ۾ کاتا اپڊيٽ نه هجڻ سبب نات فائونڊ وارو آپشن اچي ٿو. ان ڪري سنڌ حڪومت کي گهرجي ته انهن مسئلن يا ڏکيائين کي مد نظر رکي ادارتي پاليسين کي عوام ۽ زراعت دوست ڪرڻ گهرجي. اهڙيون ڪوڙ ڳالهيون آهن جيڪي پڻ سنڌ حڪومت جي زراعت دوست، هاري دوست ۽ عوام دوست پاليسين ۾ رڪاوٽ جو باعث بڻيل آهن. اتي اهي رڪاوٽون ته وري موٽ ۾ عوام دوست پاليسين تي بيهنديون. تازو 55 ارب کان مٿي ڏنل عوام دوست ۽ زراعت دوست پاليسيءَ تي سنڌ بئنڪ جي عملي ۽ سست رفتاري ڪيترن سوالن کي جنم ڏئي هڪ سوال اهميت وارو اڀاريو آهي ته اربين روپيا وقت سر نه مليا ته لازمي آهي ڪاتيدار يعني آبادگار نه کي ڪڙميءَ بازار مان خريد ڪيل اوڌر والي خريداريءَ تي اربين روپيا سموري سنڌ ۾ مجموعي طور ڪاتيدار وياج به ڏيڻ تي مجبور ٿيندا. ڪجهه متاثر ڪاتيدارن جو خيال آهي ته انهن پئسن تي جيڪي وقت سِر نه ملي سگهندا، سنڌ بئنڪ کان جيڪي پڻ اربين روپيا ٿين ٿا، تن تي هو وياج يا ڪميشن پڻ ڪائيندا. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته اڳي يا پوءِ پئسا ڪاتيدارن يعني آبادگارن نه کي ڪڙميءَ کي پئسا ملندا پر دير سان انصاف نه ملڻ به جڻ ته انصاف نه ڏيڻ واري محاوري وانگر ٿو لڳي. انهيءَ سموري ڪارگذاريءَ کي بيان ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته انهيءَ سُست روبي ۽ سنڌ بئنڪ ۾ عملي جي کوٽ، ڪمپيوٽر سسٽم اپڊيٽ نه هجڻ ۽ ٻين ڪوڙ سوالن جيڪي متاثرين بيان ڪن ٿا پڻ حڪومت جي زراعت دوست پاليسين کي نقصان پهچايو آهي. اتي زراعت کاتي جي شفافيت ۽ محنت تي به جڻ ته سوال پيدا ٿين ٿا. سوشل ميڊيا جي هن دور ۾ جنهن کي جتان جيئن اچي پيو سو پڻ عوام، سرڪار ۽ ادارن آڏو اچي رهيو آهي. اڪثر ڪري سوشل ميڊيا تي اخلاقيات جو به خيال نه ٿو رکيو وڃي پر ان جي جاءِ تي بجاءِ ڪنهن ادارتي پاليسيءَ تي ڳالهائڻ يا پرسنلٽيون ٽارگيٽ ڪيون وڃن ٿيون. اهو به هيئن آهي ته جيڪي ادارن ۾ شخص، ذميوار يا پرسنلٽيون يا ڪردار ڪم ڪن ٿا، سي پڻ تنقيد کان اجا آهن. سوشل ميڊيا جي هن دور ۾ سڀ ڪجهه سيني جي سامهون آهي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته اخلاقي ضابطن کي سامهون رکي لکڻ ۽ ڳالهائڻ کي ضرور سامهون رکڻ کپي. هن صورت ۾ سنڌ حڪومت به ادارتي پاليسين کي ٽارگيٽ ڪري نه کي ڪا پنهنجا نوازي ڪري. ان سان سياسي طور حڪومت جي عوام دوست، زراعت دوست ۽ سنڌ دوست پاليسي جڻ ته متاثر ٿئي ٿي، جنهن سان ادارتي ساک به

پرڏيهي محاذ تي ملندڙ ڪاميابيون!

ثروت جمال

اڄ کان لڳ ڀڳ پنج سال اڳ پاڪستان جي معاشي صورتحال تي نظر پئي ٿي ته هڪ اهڙو منظر سامهون اچي ٿو، جيڪو مايوسي، سياسي اڪيلائي ۽ معاشي پسماندگيءَ سان ڀرپور هو. ملڪ نه رڳو معاشي محاذ تي مسلسل پوئتي هٽي رهيو هو پر پرڏيهي پاليسي به واضح طور تي ناڪاميءَ جو شڪار نظر اچي رهي هئي. عالمي ۽ علائقائي سطح تي پاڪستان جا لاڳاپا سرد مهريءَ جو شڪار هئا. دوست ملڪ به فاصلو اختيار ڪري رهيا هئا ۽ مخالف قوتون پاڪستان کي سفارتي اڪيلائيءَ ڏانهن ڌڪڻ ۾ مصروف هيون. آمريڪا ۽ چين جهڙين اهم عالمي طاقتن سان لاڳاپن ۾ به توازن ۽ گرمجوشي نظر نه اچي رهي هئي. جڏهن ته اسلامي دنيا، عرب ملڪن، ترڪي، ايران ۽ وچ ايشيائي رياستن سان به روايتي ڀائيچاري واري لاڳاپن ۾ اها حرارت باقي نه رهي هئي. جيڪا ڪنهن وقت پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جي سڃاڻپ هوندي هئي. ان دور ۾ نه رڳو سفارتي سطح تي پاڪستان کي نظرانداز ڪيو ويو پر ڪيترن ئي عالمي فورمن تي پاڪستان جو موقف به ڪمزور ٿي ويو. هو دوست ملڪ ڪُليل حمايت ڪرڻ کان ڪيٻائيندا رهيا ۽ دشمن قوتون پاڪستان کي دهشتگردي، انتهاپسندي ۽ عدم استحڪام طرف ڌڪڻ ۾ ڪامياب نظر اچي رهيون هيون. اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان جي عالمي حيثيت گهٽجڻ سان گڏ علائقائي اثر رسوخ به محدود ٿي ويو هو، جيڪو قومي سلامتي ۽ مستقبل لاءِ انتهائي ڳڻتي جوڳي ڳالهه هئي پر الله جي فضل سان ۽ موجوده دور ۾ اختيار ڪيل وڌيڪ متوازن، حقيقت پسندانه ۽ سرگرم پرڏيهي پاليسيءَ جي نتيجي ۾ اڄ صورتحال بدلجي چڪي آهي. پاڪستان نه رڳو پنهنجي سفارتي اڪيلائي ختم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي پر ڪيترن ئي اهم علائقائي ۽ عالمي محاذن تي واضح ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. اڄ پاڪستان جا لاڳاپا ٻيهر متحرڪ ٿي رهيا آهن. دوست ملڪ ويجهو اچي رهيا آهن ۽ مخالف قوتون به پاڪستان کي نظرانداز ڪرڻ جي حيثيت ۾ نه رهيون آهن. پاڪ-سعودي لاڳاپن ۾ نئون دفاعي معاهدو ان تبديل ٿيندڙ صورتحال جو هڪ اهم مثال آهي. سعودي عرب، جيڪو هميشه پاڪستان جو ويجهو دوست رهيو آهي. هاڻي دفاعي تعاون جي نئين دور ۾ داخل ٿي چڪو آهي. ان سان ڪيل دفاعي معاهدو نه رڳو فوجي تعاون تائين محدود آهي پر ان سان گڏ سياسي اعتماد، علائقائي سلامتي ۽ گڏيل حڪمت عمليءَ کي به هٿي ملي رهي آهي. ٻنهي پاڙ ملڪن وچ ۾ وڌندڙ دفاعي لاڳاپا نه رڳو پاڪستان جي سلامتيءَ کي مضبوط ڪن ٿا پر خطي ۾ طاقت جي توازن تي به مثبت اثر وجهن ٿا. ساڳئي وقت ايران سان پاڪستان جا لاڳاپا به هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي چڪا آهن. جڏهن ايران کي اسرائيلي جارحيت کي منهن ڏيڻو پيو، تڏهن پاڪستان جنهن واضح، بيباڪ ۽ غيرمعمولي انداز ۾ ايران جي حمايت ڪئي، اها ايراني حڪمرانن ۽ عوام ٻنهي لاءِ انتهائي اهميت رکي ٿي. ايراني قيادت ۽ عوام پاڪستان جي موقف کي ساراهيو آهي. جنهن سان ٻنهي ملڪن وچ ۾ اعتماد جي نئين فضا قائم ٿي آهي. هي اها سفارتي همت آهي، جيڪا پاڪستان کي هڪ ذميوار ۽ اصولي ملڪ طور پيش ڪري ٿي. حيرت انگيز ڳالهه اها به آهي ته ايران جي حمايت باوجود آمريڪا جهڙي طاقت سان پاڪستان جا لاڳاپا به اڳ جي ڀيٽ ۾ بهتر ٿي رهيا آهن. خاص طور تي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ، جيڪو پنهنجي اڳئين دور ۾ پاڪستان بابت سخت موقف رکندو هو، هاڻي پاڪستان ڏانهن واضح لاڙو ڏيکاري رهيو آهي. اها تبديلي ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته پاڪستان هاڻي هڪ ڀيرو ٻيهر سفارتي طور پنهنجي اهميت مڃرائي رهيو آهي. آمريڪا جهڙي عالمي طاقت سان متوازن لاڳاپا پاڪستان جي عالمي حيثيت کي مضبوط ڪن ٿا ۽ معاشي توڙي دفاعي ميدان ۾ نوان موقعا پيدا ڪن ٿا.

ٻئي پاسي پاڪ-چين دوستي هميشه وانگر مضبوط، مستحڪم ۽ مثالي رهي آهي. چين جيڪو پاڪستان جو آزمايل دوست آهي، جنهن هر ڏکئي وقت ۾ پاڪستان جو ساٿ ڏنو آهي. موجوده قيادت جي دور ۾ به ٻنهي ملڪن جا لاڳاپا نه رڳو برقرار آهن پر وڌيڪ وسيع ٿي رهيا آهن. چين-پاڪستان اقتصادي راهداري (سي پيڪ) سميت مختلف منصوبن تي اڳڀرائي پاڪستان جي معاشي بحاليءَ لاءِ اميدن جو ذريعو بڻيل آهي. مئي ۾ هزار پنجويهه ۾ ٿيل چئن ڏينهن واري پاڪ-ڀارت جنگ دوران به پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جون ڪاميابيون کُلي سامهون آيون. ترڪي ۽ آذربائيجان جهڙن ملڪن جو کُليل طور پاڪستان جو ساٿ ڏيڻ عالمي سطح تي هڪ واضح پيغام هو ته پاڪستان اڪيلو ناهي. پاڪستان جي ڪاميابيءَ تي عرب ۽ مسلم دنيا ۾ جنهن قومي سطح تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ويو، اهو پڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پاڪستان هڪ ڀيرو ٻيهر اسلامي دنيا ۾ عزت ۽ حيثيت حاصل ڪري رهيو آهي. ان جنگ کان پوءِ عالمي ردعمل به پاڪستان جي حق ۾ رهيو. ڀارت کي اسرائيل جي صهيوني قيادت کانسواءِ ڪنهن به اهم ملڪ جي ڪُليل حمايت حاصل نه ٿي، جڏهن ته پاڪستان جو موقف گهڻن عالمي حلقن ۾ سمجهيو ۽ قبول ڪيو ويو. هي سفارتي ڪاميابي ڪا اتفاقي ڳالهه نه هئي پر هڪ منظم، سنجيده ۽ متوازن پرڏيهي پاليسيءَ جو نتيجو هئي. موجوده دور حڪومت ۾ ملائيشيا جي وزيراعظم انور ابراهيم، ايران جي صدر، وچ ايشيائي ملڪن جي نمائندن ۽ ڪيترن ئي عرب رياستن جي اهم ذميوارن جي پاڪستان آمد پاڪستان جي سفارتي سرگرميءَ جو واضح ثبوت آهي. انهن دورن دوران سياسي ۽ عسڪري قيادت سان ٿيندڙ ملاقاتن، معاشي، دفاعي ۽ واپاري معاهدن پاڪستان کي علائقائي سياست ۾ ٻيهر مرڪزي حيثيت ڏني آهي. خاص طور تي دنيا جي سڀ کان وڌيڪ مسلم آبادي رکندڙ ملڪ انڊونيشيا جي صدر جو پاڪستان دورو ۽ مختلف شعبن ۾ تعاون جا معاهدا، پاڪستان لاءِ وڏي سفارتي ڪاميابي سمجهي وڃي ٿي. پرڏيهي محاذ تي ملندڙ واضح ڪاميابين جي باوجود افغانستان سان لاڳاپن جي صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي. پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ لاڳاپا هن وقت بدترين سطح تي پهچي چڪا آهن. طالبان حڪومت پاران افغان سرزمين کي پاڪستان اندر دهشتگرديءَ لاءِ استعمال ٿيڻ جي اجازت ڏيڻ نه رڳو پاڪستاني قوم کي مايوس ڪيو آهي پر وچ ايشيائي رياستن لاءِ به خطري جو سبب بڻيو آهي. دهشتگرديءَ جو دائرو هاڻي افغانستان کان نڪري وچ ايشيا تائين ڦهلجڻ لڳو آهي. جيڪو سڄي خطي جي سلامتيءَ لاءِ سنگين خطرو آهي. افسوسناڪ ڳالهه اها آهي ته هن مسئلي جي حل لاءِ ترڪي، قطر ۽ سعودي عرب جهڙن ملڪن جون ڪيل ڪوششون به هيل تائين نتيجا ڏئي نه سگهيون آهن. ايران ۽ روس جي پيشڪش تي به اڳڀرائي نه ٿي سگهي آهي. ٻئي طرف اُميد پيري ڳالهه اها ٻڌائي پئي وڃي ته چيني قيادت هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ معاملن کي بهتر ڪرڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪري چڏيون آهن. عقل ۽ ڏاهپ جو تقاضو اهو آهي ته پاڪستان ۽ افغانستان ٻئي انهن ڪوششن کي سنجيدگيءَ سان وٺن ۽ خلوص سان تعاون ڪن. ڇو ته هن خطي ۾ امن ٻنهي ملڪن جي گڏيل مفاد ۾ آهي. افغانستان سان ڇڪتاڻ جي پسمنظر ۾ هڪ اهم تبديلي اها سامهون آئي آهي ته وچ ايشيائي رياستن جو لاڙو هاڻي پاڪستان ڏانهن وڌي رهيو آهي. اهي ملڪ، جيڪي ماضيءَ ۾ افغانستان بابت پاڪستان جي پاليسيءَ سبب پاڪستان کان فاصلو اختيار ڪندا رهيا، هاڻي افغان سرزمين مان ٿيندڙ دهشتگرديءَ کان پريشان ٿي پاڪستان سان ويجهڙائي وڌائڻ لڳا آهن. معيشت، واپار، سلامتي ۽ دفاع سميت مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ لاءِ سنجيده قدم کنيا پيا وڃن. ان سلسلي ۾ تازو ڪرغزستان جي صدر جو ويهن سالن کان پوءِ ڪيل پاڪستان جو دورو انتهائي اهميت رکي ٿو. هن دوري دوران واپار، تعليم، سياحت، توانائي ۽ زراعت جهڙن اهم شعبن ۾ ڪيترائي معاهدا ڪيا ويا. ڪرغزستان جي ڪاروباري فورم پاران پاڪستاني مارڪيٽ ۾ وڏي دلچسپيءَ جو اظهار پڻ ٻنهي ملڪن جي مستقبل جي واپاري لاڳاپن لاءِ سٺي علامت آهي. جتي 2024ع ۾ ٻنهي ملڪن جو واپاري لاڳيٽ صرف 16 ملين ڊالر کان به گهٽ هئي، اتي هاڻي 2027-28ع تائين ان کي 200 ملين ڊالر تائين وڌائڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. سلامتي ۽ سيڪيورٽي به ٻنهي ملڪن جي ڳالهين جو اهم موضوع رهيو. جيڪو علائقائي صورتحال جي حساسيت کي ظاهر ڪري ٿو. ڪرغز صدر جو اسلام آباد ۾ اهو بيان ته افغان طالبان حڪومت کي عالمي برادريءَ سان ڪيل واعدن جو احترام ڪرڻ گهرجي ۽ پاڪستان سان گڏجي انتهاپسندي ۽ عالمي ڏوهن خلاف تعاون وڌائڻو ويندو علائقائي سياست ۾ ايندڙ تبديليءَ جو واضح اشارو آهي. ساڳئي ريت تاجڪستان جنهن کي تازو افغان عسڪريت پسندن طرفان سرحد پار حملا برداشت ڪرڻا پيا، هاڻي سيڪيورٽي تعاون ۽ معلومات جي ڏي وٺ ۾ پاڪستان کي شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ازبڪستان جيڪو وچ ايشيا ۾ پاڪستان جو سڀ کان وڏو واپاري ساٿي آهي، ان سان لاڳاپا به تيزيءَ سان وڌي رهيا آهن. 2025ع جي پهرين ڇهه مهينن دوران ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپاري رابطا نمايان طور تي وڌيا آهن ۽ واپار کي ٻن ارب ڊالر تائين پهچائڻ جو هدف طئي ڪيو ويو آهي. قازقستان جي دلچسپي به پاڪستان ۾ وڌي رهي آهي، جتي 2025ع جي پهرين ستن مهينن دوران واپاري لاڳيٽ گذريل سال جي ڀيٽ ۾ ٻيڻي ٿي چُڪي آهي. ايندڙ جنوريءَ ۾ قازق صدر جو امڪاني پاڪستاني دورو پڻ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو. خشڪيءَ سان گهيريل وچ ايشيائي رياستن لاءِ پاڪستان جي بندرگاهن تائين رسائي سندن هڪ وڏي ضرورت پوري ڪري سگهي ٿي، جنهن سان نه رڳو علائقائي واپار وڌندو پر عالمي تجارت ۾ به نيون راهون کُلنديون. ازبڪ ريلوي ۽ پاڪستان جي انٽرنيشنل روڊ ٽرانسپورٽ چيمبر وچ ۾ تازو ٿيل معاهدو، جنهن تحت ٻن اهم زميني رستن ذريعي واپار وڌائڻ تي اتفاق ٿيو آهي، ان ئي رُخ ۾ اهم قدم آهي.

انساني حقن جو عالمي ڏينهن ۽ ننگرپارڪر جي مظلوم 'گوري ڀيل'!



منظور کوسو

جڏهن 10 ڊسمبر تي انساني حقن جو عالمي ڏينهن ملهايو پئي ويو ته دنيا جي مختلف ملڪن، ناميارن يونيورسٽين، وطن عزيز جي وڏن وڏن شهرن جي شاندار هالن ۾ مدبر اديب، معتبر دانشور، انساني حقن جي سرڪاري ۽ غير سرڪاري تنظيمن جا اڳواڻ، سياستدان ۽ حڪمران انساني حقن تي اظهار خيال ڪري رهيا هئا. ايوان صدر اسلام آباد مان صدر مملڪت آصف علي زرداري جو انساني حقن بابت خصوصي پيغام نشر ٿي رهيو هو. جنهن ۾ هو چئي رهيو هو ته 'هر فرد جي لاءِ عزت، برابري ۽ انصاف جو تحفظ رياست جي بنيادي ذميداري آهي ۽ حڪومت انساني حقن جي فروغ ۽ تحفظ لاءِ مڪمل طور پرعزم آهي. ملڪ جو آئين هر شهري کي بنا ڪنهن فرق جي بنيادي حقن ۽ آزادين جي ضمانت ڏئي ٿو. صدر مملڪت پنهنجي خاص پيغام ۾ ڪمزور ۽ پٺتي پيل طبقن خاص ڪري عورتن، ٻارن، معذورن ۽ اقليتن جي حقن جي تحفظ تي خاص زور ڏئي رهيو هو.'

سي ايم هائوس ڪراچي مان وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جو ان موقعي جي مناسبت سان پيغام نشر ٿي رهيو هو 'انساني حقن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ رياست جي ذميداري آهي. سنڌ حڪومت عورتن، ٻارن، اقليتن ۽ معذورن جي حقن جي فروغ تي خاص توجهه ڏئي رهي آهي' ۽ سنڌ جي عوام کي شايد ئي خبر هجي ته 'انساني حق' ڇا ٿيندا آهن. جيڪڏهن تعليمي نصاب ۾ هي شيون داخل ڪيون وڃن ته جيڪر ان ڏس ۾ معاشري ۾ سٺو شعور create ٿئي. ٺيڪ ان ڏينهن سوشل ميڊيا تي ۽ ٻئي ڏينهن سنڌ جي ناميارن اخبارن ۾ خبر نشر ٿي رهي هئي ته 'ننگر پارڪر ويجهو ڳوٺ تاج محمد شاهه ۾ هڪ پٿر دل پيءُ منگل ڀيل جنهن کي پيءُ چوڻ به ان مقدس رشتي جي توهين آهي، پنهنجي نياڻي گوري ڀيل کي ڪارنهن جي الزام ۾ قتل ڪري ڇڏيو هن ظالم نياڻيءَ جا هٿ پيررسن سان ٻڌي ان جو مٿو ڪوڙي ان جي تذليل ڪئي ۽ ان ڪانپوءِ لٺين ۽ ڪهاڙين سان وحشياڻو تشدد ڪري نياڻيءَ کي قتل ڪري ڇڏيو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال روانو ڪيو. منگل ڀيل کي قتل جي اوزارن لٺين ۽ ڪهاڙين سميت گرفتار ڪيو ويو' ۽ ايوانن مان انساني حقن جي تحفظ بابت آواز گونجي ننگرپارڪر جي گرينائيٽ جي پهاڙن، قديم مندرن ۽ وارياسي سان ٽڪرائجي موٽ ڪائي رهيا هئا. گوري ڀيل جي دردناڪ اپ ڏار دانهن ڪوڪن ۾ انساني حقن جا سڀ پيغام دٻجي گم ٿي ويا. انتهائي افسوسناڪ واقعو آهي جڏهن هڪ نياڻيءَ کي رسن سان ٻڌي وحشياڻو تشدد ڪري ماريو ويو هوندو ته ان جا ڇا احساس هوندا؟ ڪنهن پاڙي اوڙي واري ڪنهن انسان به ان جي رڙين کي نه ٻڌو؟ ڇا هو انڌن ۽ ٻوڙن جي بستي ۾ ماري وئي؟ ان جون دانهون اُپ ته نه ڏاري سگهيون ۽ نه ئي ايوانن تائين به پهچي سگهيون!

هي فقط هڪ گوري ڀيل جو المناڪ موت ناهي هن کان ڪجهه ڏينهن ٿرپارڪر جي مينگهواڙ محلي جي هڪ گهر مان به تشدد ٿيل عورت جو لاش مليو هو. جنهن کي خودڪشي قرار ڏنو ويو سنڌ ۾ ڪارنهن جي نالي تي عورت جي تذليل ۽ موت جهڙا واقعا روز ٿيندا رهن ٿا پوءِ کي ميڊيا ۾ رپورٽ ٿين ٿا ته کي نه ٿا ٿين ۽ پوليس به جوابدارن سان ڏيتي ليتي ڪري فرياد داخل نه ٿي ڪري يا غيرت جي نالي تي ٿيل قتل بهاني اهڙي ڪمزور فرياد داخل ڪري ٿي جنهن جو سڄو فائدو جوابدار کي ملي ٿو ۽ خون لڙهي وڃن ٿا. جيڪڏهن اهڙن معاملن ۾ سخت سزائون ڏنيون وڃن ۽ جرگن معرفت ڏنڊ ڏوهه جي ڏيتي ليتي کي مڪمل طور بند ڪيو ڏنو وڃي ته هوند عورتن سان ٿيندڙ اهڙن پيانڪ ظلمن جي ڪجهه نه ڪجهه روڪٿام ٿي سگهي جولائي 2025ع ۾ سسٽين ايبل سوشل ڊيولپمينٽ آرگنائيزيشن (SSDO) عورتن تي ٿيندڙ تشدد بابت پنهنجي جاري ڪيل هڪ رپورٽ ۾ انگ اکر ظاهر ڪيا آهن ته ملڪ ۾ هر سال هڪ هزار عورتون غيرت جي نالي تي قتل ٿين ٿيون. سنڌ اندر 2024ع ۾ هزارين عورتون تشدد جو شڪار ٿيون پر سزا هڪ جوابدار کي به نه ملي!

اغوا، جنسي زيادتي، گهريلو تشدد، غيرت جي نالي قتل جا 2024ع ۾ مجموعي طور 3397 واقعا رپورٽ ٿيا. گهوٽڪي ۾ زيادتي جا 27 واقعا، ڪراچي ڏکڻ ۾ 487 عورتن ۽ معصوم نياڻين جي اغوا جا واقعا رپورٽ ٿيا. ان ئي سال شڪارپور ضلعي ۾ غيرت جي نالي تي 23 قتل ۽ نوشهروفيروز ۾ گهريلو تشدد جا 60 واقعا رپورٽ ٿيا. هي فقط اهي ڪيس آهن جيڪي پوليس ۾ رپورٽ ٿيا پر سزا ڪنهن کي ڪين ملي. ان کانسواءِ سوشل ميڊيا ۽ اخبارن ۾ عورتن ۽ معصوم نياڻين خلاف ڪيئي واقعا روزانو رپورٽ ٿين ٿا پر قانون ۽ انصاف حرڪت ۾ نه ٿو اچي. جيڪڏهن قانون ۽ انصاف جو نظام پنهنجون سمورون صلاحيتون بنا ڪنهن فرق جي عورتن جي حقن جي حفاظت لاءِ ڪتب آڻين ته جيڪر 'گوري ڀيل' جهڙا واقعا نه ٿين وڏا وڏا پلش ڪانفرنسون ۽ مباحثا ڪنهن ڪم جا ڪين آهن. ماڻهن کي آن دي اسپاٽ انصاف کپندو آهي.

imanzoorkhoso@gmail.com

معاشي بحاليءَ لاءِ مشاورت ضروري آهي!

ڪاشف اشفاق

ملڪ جي موجوده معاشي صورتحال انتهائي ڳڻتيءَ وارو رُخ اختيار ڪري چڪي آهي. گذريل ڪيترن ئي سالن کان قومي ترقيءَ جي شرح تي سيڪڙو کان به هيٺ رهڻ هڪ اهڙو اشارو آهي، جيڪو رڳو انگن اکرن تائين محدود ناهي پر ان جا سڌا اثر عوام جي روزمرهه زندگي، روزگار جي موقعن، مهانگائي، صنعتي سرگرمين ۽ سماجي استحڪام تي پئجي رهيا آهن. جڏهن ڪنهن به ملڪ جي معيشت ڊگهي عرصي تائين سُست رفتاريءَ جو شڪار رهي ٿي ته ان جو سڀ کان وڏو نقصان نوجوان نسل کي پهچي ٿو جيڪو تعليم حاصل ڪرڻ بعد روزگار جي تلاش ۾ دربدر ٿئي ٿو. پاڪستان ۾ به صورتحال ڪجهه اهڙي ئي آهي. جتي هر سال هزارين نوجوان ڊگريون هٿن ۾ کڻي مارڪيٽ ۾ داخل ٿين ٿا پر انهن لاءِ نه ته صنعتن ۾ جايون موجود آهن ۽ نه ئي سرڪاري شعبي ۾ روزگار جا در کُليل نظر اچن ٿا.

ٻئي پاسي گهٽ تعليم يافته ۽ غير ماهر ماڻهن جو وڏو انگ پنهنجون زمينون، زيور ۽ ٻيو سرمايو وڪڻي يا قرض کڻي پرديس وڃڻ تي مجبور آهي. اهي ماڻهو غير ملڪي ملڪن ۾ سخت محنت سان ڪم ڪري وطن ڏانهن رقم موڪلين ٿا، جنهن سان عارضي طور ته ناڻي واري متاثا ذخيري ۾ واڌ اچي ٿي پر ڊگهي مدي ۾ ملڪ جي اندروني انساني وسيلن جي کوٽ پيدا ٿئي ٿي اها صورتحال ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته اسان جون معاشي پاليسيون نه روزگار پيدا ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي رهيون آهن ۽ نه ئي مقامي صنعت ۽ واپار کي اهڙو ماحول مهيا ڪري رهيون آهن. جتي نيون سيڙپڪاريون ۽ ڪاروباري سرگرميون جنم وٺن. انهن حالتن ۾ حڪومت تي سڀ کان وڏي ذميواري لاڳو ٿئي ٿي ته اها ملڪ جي معاشي رُخ کي درست ڪرڻ لاءِ روايتي ۽ محدود سوچ کان ٻاهر نڪري. بدقسمتيءَ سان اسان وٽ اڪثر معاشي پاليسيون يا ته عالمي مالياتي ادارن جي شرطن جي بنياد تي تيار ڪيون وڃن ٿيون يا وري ڪجهه حڪومتي وزيرن يا چونڊيل ڪاروباري شخصيتن جي صلاح مشورن تائين محدود رهن ٿيون. اهڙي طرز عمل سان پاليسيون نه ڀي وڃن ٿيون پر انهن تي عملدرآمد لاءِ جيڪا وسيع سماجي ۽ ڪاروباري حمايت گهربل هوندي آهي، اها حاصل نه ٿي ٿئي. نتيجي طور پاليسيون ڪاغذن تائين محدود رهن ٿيون ۽ عملي ميدان ۾ ناڪام نظر اچن ٿيون. تنهنڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪومت مشاورت جو دائرو وسيع ڪري ۽ پاليسي سازيءَ جي عمل ۾ ملڪ جي سمورن اهم معاشي اسٽيڪ هولڊرز کي شامل ڪري. جڏهن هر شعبي جي نمائندگي ڪندڙ ماڻهو پاڻ کي پاليسين جو حصو محسوس ڪندا، تڏهن ئي اهي پاليسيون سندن دلين ۽ ذهنن ۾ قبوليت حاصل ڪري سگهنديون. اهڙي جامع مشاورت سان نه رڳو حڪومتي فيصلا وڌيڪ حقيقت پسنداڻا بڻجي سگهندا پر ڪاروباري برادريءَ جي اعتماد ۾ پڻ واڌ ٿيندي، جيڪا ڪنهن به معيشت جي بحالي لاءِ بنيادي شرط آهي.

ان حوالي سان فيڊريشن آف پاڪستان چيمبرز آف ڪامرس اينڊ انڊسٽريز (ايف پي سي سي آءِ) جو ڪردار انتهائي اهم بڻجي وڃي ٿو. هي پليٽ فارم چيمبرز آف ڪامرس ۽ ڪاروباري تنظيمن جي نمائندگي ڪري ٿو. هن اداري وسيلي حڪومت کي اهو موقعو ملي سگهي ٿو ته هوءَ ملڪ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود ڪاروباري برادريءَ کان سڌي طرح فيڊ بيڪ حاصل ڪري. ننڍي واپاري کان وٺي وڏي صنعتڪار تائين هر ڪنهن جا مسئلا، تجويزون ۽ خدشا هن پليٽ فارم وسيلي حڪومتي ايوانن تائين پهچي سگهن ٿا. جيڪڏهن پاليسين جي تشڪيل کان اڳ ۽ پوءِ ايف پي سي سي آءِ جهڙن ادارن سان باقاعده مشاورت ڪئي وڃي ته حڪومت کي گراس روٽ ليول تي ڪاروباري ماحول بابت صحيح تصوير ملي سگهي ٿي. مثال طور، ٽيڪسن جي پاليسي، توانائيءَ جي قيمتن، درآمد ۽ برآمد جي قاعدن يا ڪاروبار شروع ڪرڻ جي قانوني پيچيدگين بابت جيڪي مسئلا ڪاروباري برادريءَ کي درپيش آهن، انهن کي صحيح نموني سمجهي حل ڪرڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو. اهڙي مشاورت سان پاليسيون نه رڳو وڌيڪ مؤثر ثابت ٿينديون پر انهن تي عملدرآمد به آسانيءَ سان ٿي سگهندو. اهو هڪ خوش آئند قدم آهي ته پاڪستان جي ڪاروباري برادريءَ جي نمائندگي ڪندڙ ٽن اهم اڳواڻن گڏجي ڪري ان ڳالهه تي زور ڏنو آهي ته ملڪ کي معاشي ترقيءَ جي راهه تي آڻڻ لاءِ پاليسي سازيءَ جي عمل کي وڌيڪ شفاف ۽ جامع بڻايو وڃي. سندن گڏيل آواز ان ڳالهه جي علامت آهي ته ڪاروباري برادري حڪومت سان ٽڪراءُ نٿي چاهي پر شراڪت ۽ تعاون جي بنياد تي اڳتي وڌڻ جي خواهشمند آهي. انهن اڳواڻن جي اها ڳالهه بلڪل صحيح آهي ته جيستائين ايف پي سي سي آءِ جهڙي نمائنده اداري جي ڪردار کي تسليم نه ڪيو ويندو، تيستائين ڪاروباري برادريءَ کي پاليسي سازيءَ ۾ حقيقي حصيداري نه ملي سگهندي. هي ادارو ڪنهن هڪ شهر يا هڪ شعبي جي نمائندگي نٿو ڪري پر ملڪ جي سمورن واپاري ۽ صنعتي شعبن جو گڏيل آواز آهي. ان ڪري ان کي نظرانداز ڪرڻ دراصل ملڪ جي وڏي معاشي قوت کي نظرانداز ڪرڻ جي برابر آهي. ان سلسلي ۾ هڪ اهم تجويز اها ٿي سگهي ٿي ته حڪومت قومي سطح تي هڪ گڏيل معاشي ڪانفرنس جو اهتمام ڪري. اهڙي ڪانفرنس ۾ ملڪ جي سمورن صوبن وڏن شهرن ۽ اهم صنعتي علائقن مان ڪاروباري برادريءَ جي نمائندگي ڪندڙ شخصيتن کي دعوت ڏني وڃي. هن فورم تي حڪومت ۽ ڪاروباري اڳواڻ هڪ ٻئي آمهون سامهون ويهي نه رڳو مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪن پر مستقبل لاءِ گڏيل حڪمت عملي پڻ تيار ڪن. اهڙي ڪانفرنس جو سڀ کان وڏو فائدو اهو ٿيندو ته حڪومت ۽ ڪاروباري برادريءَ وچ ۾ موجود بي اعتمادي ختم ٿيندي. حڪومت کي ڪاروباري ماڻهن جا خدشا ۽ شڪايتون سڌي طرح ٻڌڻ جو موقعو ملندو جڏهن ته ڪاروباري اڳواڻن کي به حڪومتي مجبورين ۽ پاليسي سازيءَ کي سمجهڻ ۾ مدد ملندي. ان عمل سان ٻنهي ڌرين ۾ هڪ ٻئي جي نقطه نظر لاءِ احترام پيدا ٿيندو جيڪو ڪنهن به قومي اتفاق راءِ لاءِ لازمي آهي.

ان کان علاوه جيڪڏهن اهڙي ڪانفرنس مان ايندڙ پنجن سالن لاءِ هڪ گڏيل معاشي پاليسي نڪري ٿي، جنهن ۾ واضح هدف، ترجيحون ۽ ذميواريون طئي ڪيون وڃن ته ان جا انتهائي مثبت نتيجا نڪري سگهن ٿا. جڏهن هر ڌر کي اڳواٽ خبر هوندي ته ڪيس ڪهڙي ميدان ۾ ڪهڙي ذميواري نڀائڻي آهي، تڏهن پاليسين تي عملدرآمد به وڌيڪ سنجيدگيءَ سان ٿيندو. گڏيل حڪمت عمليءَ سان ملڪ کي سياسي تبديليءَ جي باوجود معاشي تسلسل حاصل ٿي سگهي ٿو، جيڪو ڪنهن به ترقي پذير ملڪ لاءِ انتهائي اهم هوندو آهي. دنيا جي ٻين ملڪن جو جائزو ورتو وڃي ته لڳ ڀڳ هر ملڪ ۾ ايف پي سي سي آءِ جهڙن ادارن کي پاليسي سازيءَ ۾ اهم حيثيت حاصل آهي. يورپ، آمريڪا، ايشيا ۽ آفريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ چيمبرز آف ڪامرس ۽ صنعتڪار تنظيمن کي نه رڳو قومي پاليسين ۾ شامل ڪيو ويندو آهي پر عالمي سطح تي به اهي ادارا پنهنجي ملڪ جي ڪاروباري برادريءَ لاءِ نوان موقعا ڳوليندا رهن ٿا. اهي ادارا حڪومت ۽ نجي شعبي جي وچ ۾ پُل جو ڪردار ادا ڪن ٿا، جنهن سان پاليسيون وڌيڪ متوازن ۽ ڪارآمد بڻجن ٿيون. پاڪستان ۾ به جيڪڏهن هن عالمي ماڊل تي عمل ڪيو وڃي ۽ ايف پي سي سي آءِ کي پاليسيءَ جي مشاورتي عمل ۾ مرڪزي ڪردار ڏنو وڃي ته ملڪ کي ڪيترن ئي معاشي مسئلن مان نڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. خاص طور تي برآمدات ۾ واڌ، صنعتي پيداوار جي بحالي، ننڍن ۽ وچولي درجي جي ڪاروبارن جي واڌ ويجهه ۽ پرڏيهي سيڙپڪاريءَ جي واڌ جهڙا هدف حاصل ڪرڻ ممڪن ٿي سگهن ٿا. حڪومتي اڳواڻن کي اهو به سمجهڻ گهرجي ته جڏهن تائين معاشي پاليسيون ڪاروباري برادريءَ جي چونڊيل قيادت سان صلاح مشوري کانسواءِ تيار ڪيون وينديون، تڏهن تائين انهن تي سئو سيڪڙو عملدرآمد ممڪن نه هوندو. پاليسي صرف اعلان ڪرڻ سان ڪامياب نٿي ٿئي پر ان لاءِ عملي ميدان ۾ سهڪار ۽ شموليت ضروري هوندي آهي. ان ڪري مختلف سرڪاري ڪاميٽين ۽ ٽاسڪ فورسز جي جوڙجڪ دوران به اهو خيال رکڻ گهرجي ته هر شعبي کي برابر نمائندگي ملي.

جيڪڏهن پاليسيون ڪنهن هڪ شعبي يا مخصوص گروپ کي فائدو پهچائڻ جو تاثر ڏينديون ته باقي ڪاروباري برادريءَ ۾ بيچيني ۽ بي اعتمادي وڌندي. ان جي ابتڙ جڏهن سڀني شعبن کي برابر موقعا ملندا ته مجموعي طور تي ڪاروباري ماحول بهتر ٿيندو اهڙي ماحول ۾ نه رڳو مقامي سيڙپڪار وڌيڪ سيڙپڪاري ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا پر پرڏيهي سيڙپڪار به پاڪستان ملڪ طرف ڏسندا. سرمائيڪاريءَ جو هڪ عالمي اصول آهي ته سيڙپڪار اتي وڃن ٿا، جتي حڪمرانيءَ جو نظام شفاف هجي، قانون جي بالادستي هجي ۽ ڪاروبار ڪرڻ لاءِ برابر جا موقعا موجود هجن. جيڪڏهن پاڪستان ۾ اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي ته پوءِ نه عالمي مالياتي ادارن تي حد کان وڌيڪ انحصار ڪرڻ جي ضرورت پوندي ۽ نه ئي بار بار دوست ملڪن ڏانهن مالي مدد لاءِ نهارڻو پوندو. مضبوط مقامي معيشت ئي ڪنهن به ملڪ جي حقيقي خودمختياريءَ جو بنياد هوندي آهي. ملڪ جي معاشي بحالي ڪو هڪ ڏينهن جو ڪم ناهي پر ان لاءِ سنجيده سوچ، وسيع مشاورت ۽ گڏيل ذميواريءَ جي ضرورت آهي. حڪومت جيڪڏهن ڪاروباري برادريءَ کي پنهنجو ساٿي سمجهي ته پوءِ معاشي استحڪام جو هيءُ سفر آسان ٿي سگهي ٿو. مشاورت، شفافيت ۽ شراڪت ئي اهي ئي بنيادي اصول آهن، جن تي عمل ڪري پاڪستان کي ٻيهر ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪري سگهجي ٿو.

'سياسي ڇڪتاڻ ۾ نئين شدت، معيشت لاءِ نئون چيلينج'

خُرم حسين

هن وقت پاڪستان اندر هڪ وڏي سياسي جنگ هلندڙ آهي، جيڪا مختلف محاذن تي مختلف حڪمتِ عملين سان ۽ مختلف ڌرين وچ ۾ وڙهي پئي وڃي. ڳالهه رڳو اقتدار يا وزارتن جي ناهي، بلڪ پوري ملڪ جي سياست جو مستقبل داءَ تي لڳل آهي. هن سڄي ڇڪتاڻ جي پٺيان اصل محرڪ اها معيشيت آهي، جيڪا ڪيتري عرصي کان جمود جو شڪار آهي. جيڪڏهن ڳالهه معيشيت کان شروع ڪجي ته پوءِ ان جا اثر پاڻمرادو سڄي سياسي نظام ۾ پکڙجندا نظر اچن ٿا. سال 2022ع جي گرمين ۾ پاڪستان جي معيشت تمام تيزيءَ سان گرم ٿي چڪي هئي ۽ هيءُ عمل نه ڪجهه سال اڳ 2021ع جي پوئين اڌ ۾ شروع ٿي ويو هو. ان وقت پي ٽي آءِ حڪومت جي ناڻي وزير شوڪت ترين صاف چيو هو ته معيشت حد کان وڌيڪ گرم ٿي وئي آهي. مهانگائي آسمان سان ڳالهائي رهي هئي، روزمره جون شيون عام ماڻهن جي پهچ کان ٻاهر ٿي رهيون هيون ۽ جون 2022ع تائين ملڪ جا زرمبادلا ذخيرا بلڪل ختم ٿيڻ واري حد تائين پهچي ويا هئا. ملڪ جي فضا ۾ اهو خوف عام هو ته پاڪستان ڪٿي سري لنڪا جهڙي وڏي معاشي تباهيءَ ۾ نه اچي وڃي. معيشت مان نڪتل اها شديد بيچيني آهستي آهستي پوري ملڪ ۾ پکڙجي وئي. نئين قسم جو دٻاءُ پيدا ٿيڻ لڳو. ... مليو، جنهن ٻيهر آخري لمحي تي ملڪ کي بچائي ورتو. هڪ سال ۾ ٻه ڀيرا آخري گهڙيءَ ۾ بچاءُ اهو شايد ڪنهن به ملڪ لاءِ منفي معنائن ۾ هڪ رڪارڊ آهي. جولاءِ 2023ع کانپوءِ پاڪستان جي معيشت ڪجهه حد تائين مستحڪم رهي. مهانگائي گهٽجي وئي، زرمبادلا جا ذخيرا وڌي ويا ۽ درآمدات لاءِ ڪور (زر مبادلي ۾ حفاظت) گهٽ ۾ گهٽ اڍائي مهينن تائين پهچي ويو. سٺيون خبرون صرف ايترو ئي محدود رهيون. سال 2024ع ۽ 2025ع دوران معيشت نه مستحڪم رهي ۽ عوام ۾ بيچيني آهستي آهستي گهٽجڻ لڳي پر ان جو نتيجو سامهون آيو. روزگار جا موقعا رُڪجي ويا، ترقيءَ جا ڪم سست ٿي ويا. معيشت تي نئين قسم جو دٻاءُ پيدا ٿيڻ لڳو. معيشيت جي جمود ڪڏهن ڪڏهن قيمتن ۽ درآمدي طلب کي مستحڪم ڪندو آهي پر ساڳئي وقت اهو سرمائيدارن ۾ مايوسي وڌائي ڇڏيندو آهي. وچولو طبقو پنهنجي قوتِ خريداري تيزيءَ سان وڃائڻ لڳو ۽ محنت ڪندڙ طبقو هڪ ڏکئي زندگيءَ ۾ ڦاسي پيو. ڇو ته پاڪستان ۾ پگهار هميشه سڀ کان آخر ۾ ڊالر جي گهٽتائيءَ سان پاليسيون سخت ۽ محدود ٿي وڃن ٿيون. بحران کان اڳ وارا ترقيءَ جا دور سرمائيدارن کي وڏو منافعو ڏين ٿا پر جڏهن بحران ايندو آهي ته رياست پاڻ حساب وٺڻ لاءِ اچي ٿي. سرڪاري ملازم مهانگائي جي ڪري پنهنجي قوتِ خريداري وڃائڻ تي پريشان ٿين ٿا ۽ ساڳئي وقت رياستي ڍانچو (انفراسٽرڪچر کان وٺي هٿيارن جي خريداريءَ تائين) سرمايو گهري ٿو سول حڪومتون عوام جي اڳيان جوابده هونديون آهن. تنهنڪري اهي پنهنجي ووٽرز کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿيون ته رياست جا وسيلا سڌو عوام تائين منتقل ٿي وڃن. ڪاروباري طبقي لاءِ جڏهن معيشت تي بار وڌي وڃي ٿو ته اهي پنهنجي فائدي لاءِ سرگرم ٿي وڃن ٿا. ٽيڪس، وياج جي شرح ۽ رعايتن جو دٻاءُ وڌي وڃي ٿو ۽ گهڻو ڪري ڪاروباري طبقو رياست جا مختلف ادارا هڪٻئي جي خلاف استعمال آهي. هاڻي جمهوري قوتون صرف صوبن تائين محدود ٿي ويون آهن. جتي هر وڏي سياسي پارٽي پنهنجو صوبائي قلعو مضبوط سنڀالي رهي آهي. هر جماعت کي پنهنجي صوبو هڪ آمدني جو ذريعو ۽ طاقت جو مرڪز بڻايو آهي. هر پارٽي پنهنجو صوبو بنياد بڻائي، ڀهرپان نظام ۾ پنهنجي جاءِ حاصل ڪئي ۽ پوءِ مرڪز ۾ پنهنجي 'حق دار' جاءِ ٻيهر حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. مان انهيءَ صورتحال کي سڏيان ٿو 'عظيم پسپائي'. جيئن ئي معيشت جو استحڪام جو ٿيون سال شروع ٿيو مرڪز جي طرفان وسيلن جي طلب انتهائي وڌي وئي آهي ۽ ان جي پٺيان غير جمهوري قوتون به موجود آهن. اهي عناصر جيڪي جمهوري قوتن کي مڪمل طور ختم ڪرڻ کانسواءِ پنهنجو سياسي مستقبل تصور نٿا ڪري سگهن، اهي ڪوشش وڌيڪ تيز ڪري رهيا آهن. مثال طور NFC ايوارڊ واپس وٺڻ ۽ صوبن کي ورهائڻ جون ڳالهيون، اها سڀ سول ۽ ملٽري ادارن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ مان پيدا ٿيون آهن. خاص طور جڏهن معاشي استحڪام عوام کي وڌيڪ دٻاءُ ۽ تنگي ۾ وجهي ٿو جيستائين استحڪام کان ٻاهر نڪرڻ جو ڪو واضح ۽ عملي منصوبو تيار نه ڪيو ويندو، سسٽم وڌيڪ اندروني ڇڪتاڻ ۽ ٽڪراءُ جو شڪار

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر لوئر پنياري ڊويزن سجاول

No.TC/G-55/1945 OF 2025

Dated:12-12-2025

ٽينڊرن گهرائڻ لاءِ نوٽيس

هيٺين ڪم جي خريداري لاءِ دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن/ڪمپنين/فرمن کان معياري واڪ دستاويزن ((SBDs) تي SPPRA رولز 2010 (ترميم ٿيل 2019) جي مطابق مهر بند ٽينڊر طلب ڪيا ويا آهن.

سيريل نمبر	ڪم جو نالو	PC-I ڪٿيل لاڳت (ملين ۾)	بينڪ گارنٽي/ ڪال ڊپازٽ جي صورت ۾ ڪٿيل قيمت جي واڪ سيڪيورٽي 5%	ڪانٽريڪٽرز ڪٽيگري	ٽينڊر في	تڪميل جو مدو
01	RD 20+00 کان31+500 تائين ڪينجهر ڊسٽري جي سيمينٽ ڪنڪريٽ لائننگ سان گڏ سنڌس پيرينٽ چينل چتو لارج RD 25+000 کان 37+100 تائين.	350.994	17.545 ملين	C-3 ۽ مٿي	3000	24 مهينا
02	ستاهه ۽ مليه برانچ جي ماڊيولس جي ٻيهر تعمير.	188.140	9.407 ملين	C-4 ۽ مٿي	3000	24 مهينا
03	پنياري برانچ جي RD 88 آر/سائيڊ تي ڪريو ڊسٽري جي نقصان پهتل/ رهيل هيڊ ريگيوليٽر جي ٻيهر تعمير (فقط اضافي ڪم).	61.140	3.057 ملين	C-5 ۽ مٿي	3000	24 مهينا

ٽينڊر جاري، کولڻ ۽ وصول ڪرڻ جو پروگرام:

سيريل نمبر	تفصيل	پهرين پيرو	ٻيون پيرو(موٽ نہ ملڻ جي صورت ۾)
01	اخبار ۾ اين آءِ ٽي جي اشاعت کان پوءِ درخواست جي وصولي ۽ ٽينڊر جاري ڪرڻ جي آخري تاريخ تي صبح 11:00 وڳي تائين	31-12-2025	16-01-2026
02	ٽينڊر ٽيڪنيڪل واڪ منجهند 12:00 وڳي تائين واپس وصول ڪيا ويندا ۽ ڄاڻايل تاريخ تي منجهند 1:00 وڳي کوليا ويندا.	31-12-2025	16-01-2026

01- پروڪيورمينٽ جو طريقو:
(سنگل اسٽيج ہ لفافا) (قومي مقابلي وارو واڪ).

02-قابليت/لازمي:

i. ڪارگر رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ: پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) سان لاڳاپيل ڪيٽيگري ۾ هڪ ڪارگر رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ، جيڪو جون 2026 تائين يا بعد ۾ اثرائتو هوندو. PEC ضابطن جي مطابق CE04 ۽ CE10 ۾ اسپيشلائيزيشن جي شعبي سان.
ii. ساڳيو تجربو: ٺيڪيدارن يا فرمن کي ساڳئي نوعيت جي ڪم کي انجام ڏيڻ جو تجربو هجڻ گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ ساڳئي نوعيت جو ڪم جيڪو اندازي مطابق قيمت جو 80% هجي يا ہ ساڳئي نوعيت جا ڪم جيڪي گذريل ٽن سالن ۾ انجام ڏنل اندازي مطابق قيمت جو 50% هجن.
iii. ڪمن جي فهرست: گذريل ٽن سالن ۾ ساڳين وضاحتن، نوعيت سان جاري ڪمن ۽ مڪمل ٿيل منصوبن جي فهرست، مڪمل ٿيڻ جي سرٽيفڪيٽن سان.
iv. مشينري ۽ سامان: دستياب مشينري ۽ سامان جي هڪ فهرست، جيڪا ملڪيت يا ڪرائي جي معاهدن جي دستاويزي ثبوتن سان سهڪاريل هجي.
v. ٽيڪس رجسٽريشن: انڪم ٽيڪس ڊپارٽمينٽ سان فعال رجسٽريشن (اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ)، گذريل 3 سالن جا انڪم ٽيڪس ريٽرن ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو کان ڪليئرنس سرٽيفڪيٽ.
vi. سنڌ روينيو بورڊ رجسٽريشن: سنڌ روينيو بورڊ حڪومت سنڌ (SRB) کان فعال رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ ۽ ڪليئرنس سرٽيفڪيٽ.
vii. ٽرن اوور: گذريل ٽن سالن جو ساليانو ٽرن اوور اندازي مطابق قيمت کان گهٽ نہ هجي.
viii. آڊٽ رپورٽ: ڪنهن ہ رجسٽرڊ آڊٽ فرم کان گذريل ٽن سالن جي آڊٽ رپورٽ.
ix. ٽيڪنيڪل تجويز: ٽيڪنيڪل تجويز جي هر صفحي تي واڪ ڏيندڙ يا مجاز شخص طرفان صحيح ۽ مهر لڳل هجڻ گهرجي.
x. واڪ سيڪيورٽي: سيني واڪن سان گڏ 5% جي بينڪ گارنٽي/ ڪال ڊپازٽ هجڻ گهرجي. پاڪستان جي هڪ شيڊيولڊ بينڪ کان 9,280,400 رپين جي اندازي مطابق رقم، ايگزيڪيوٽو انجنيئر، لوئر بنياري ڊويزن سجاول جي حق ۾.
xi. حلف نامو: هڪ تازو حلف نامو (اصل) تہ:
- فرم/ڪمپني بليڪ لسٽ ٿيل ناهي يا ڪنهن ہ سرڪاري کاتي (وفاقي، صوبائي، پي اِي سي) سان ڪنهن ہ قانوني ڪارروائي ۾ ملوث ناهي.
- واڪ ڏيندڙ نيب اختيارين سان پري بارگيننگ (PB) ۾ داخل نہ ٿيو آهي.

xii. ٽينڊر جمع ڪرائڻ جون هدايتون:

1. ايس پي پي آر جي ويب سائيٽ: تي دستياب (لنڪ غير دستياب) ناقابل واپسي في 3000 رپيا گهربل آهي ادائگي جوڳي وايا پي آرڊر.
2. ٽينڊر کولڻ: سرعام کوليو ويندو جنهن ۾ حصو وٺندڙ ٺيڪيدارن/فرمن يا انهن جي نمائندن کي شرڪت ڪرڻ جو اختيار هوندو.

واڪ جمع ڪرائڻ جون گهرجون:

1. سنگل پيڪيج: ٻن الڳ لفافن سان گڏ هڪ پيڪيج جمع ڪرايو.
2. لفافي تي نشان لڳائڻ: هر لفافي کي "ٽيڪنيڪل تجويز" ۽ "مالي تجويز" طور واضح طور تي ٿلهي ۽ پڙهڻ واري لکت ۾ نشان لڳايو.
3. واڪ سيڪيورٽي: ٽيڪنيڪل واڪ سان گڏ بينڪ گارنٽي/ ڪال ڊپازٽ (ايگزيڪيوٽو انجنيئر، لوئر پنياري ڊويزن سجاول جي حق ۾) شامل ڪريو.

ٽينڊر جي تشخيص جو عمل:

1. ٽيڪنيڪل تجويز جو جائزو: "ٽيڪنيڪل تجويز" لفافو کوليو ويندو ۽ ايس پي پي آر اي قاعدن جي بنياد تي ٽيڪنيڪل قابليت لاءِ جائزو ورتو ويندو.
2. ڪابہ ترميم نہ: تشخيص دوران ٽيڪنيڪل تجويز ۾ ڪا ہ تبديلي جي اجازت نہ هوندي.
3. مالي تجويزن جو کولڻ: ٽيڪنيڪل طور تي قابليت رکندڙ فرمن جون مالي تجويزون بعد ۾ کوليون وينديون، قابليت رکندڙ واڪ ڏيندڙن کي اڳواٽ اطلاع سان.
4. غير جوابدار واڪ: غير جوابدار واڪ ڏيندڙ جون مالي تجويزون بغير کولڻ جي واپس ڪيون وينديون.
5. بينڪ گارنٽي: فني طور تي موٽ ڏيندڙن جي بينڪ گارنٽي پر رد ڪيل واڪ ڏيندڙ (وڌيڪ اڳهن جي ڪري) ڪامياب واڪ ڏيندڙ کي ورڪ آرڊر جاري ٿيڻ کان پوءِ واپس ڪئي ويندي.

واڪ جو جائزو ۽ جمع ڪرائڻ:

1. سڀ کان وڌيڪ فائديمند واڪ: سڀ کان وڌيڪ فائديمند سمجهي ويندڙ واڪ قبول ڪيو ويندو.
2. پروڪيورمينٽ ڪميٽي جو ڪورم: جيڪڏهن مقرر ڪيل کولڻ جي تاريخ تي ڪورم پورو نہ آهي، تہ پوءِ واڪ ايندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي جمع ڪرايا ۽ کوليا ويندا.
3. مڪمل دستاويز: ٽينڊر سيني گهربل دستاويزن ۽ معلومات سان گڏ جمع ڪرائڻ گهرجن. نامڪمل جمع ڪرائڻ تي غور نہ ڪيو ويندو. ۽ آخري تاريخ کان پوءِ ڪو ہ دستاويز قبول نہ ڪيو ويندو.
- جمع ڪرائڻ، پڇا ڳاڇا ۽ کولڻ جي جاءِ هيٺ ڏنل هنڌ تي هوندي: -
- ايڊريس: ايگزيڪيوٽو انجنيئر، لوئر پنياري ڊويزن سجاول جي آفيس.

واڪ رد ڪرڻ لاءِ شرطون ۽ ضابطا:

1. مشروط واڪ: ڪوبہ مشروط اليڪٽرانڪ يا ٽيليگرافڪ واڪ/ ٽينڊر قبول نہ ڪيو ويندو.
2. ناڪافي واڪ سيڪيورٽي: گهربل واڪ جي سيڪيورٽي جي رقم ۽ طريقي کانسواءِ واڪ رد ڪيا ويندا.
3. دير سان جمع ڪرائڻ: مقرر ڪيل تاريخ ۽ وقت کانپوءِ وصول ٿيندڙ واڪ قبول نہ ڪيا ويندا.
4. واڪ جو ڪارگر مدو: 90 ڏينهن تائين ڪارگر رهڻ گهرجن.
5. پروڪيورمينٽ اٿارٽي جي صوابديد: پروڪيورمينٽ اختيارين کي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل هيستائين) جي مطابق ڪنهن ہ يا سيني ٽينڊرن / واڪن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.

(فرحان حسين وڳڻ)
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
لوئر پنياري ڊويزن سجاول.

ٽنڊوالهيار ويجهو ڊمپر جي ٽڪر ۾ 10 سالا نينگري فوت، وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

ٽنڊوآدم روڊ جي ترقياتي ڪم ڪندڙ ڪمپني جي ڊمپر جي ٽڪر سبب خوشبو لنڊ چيپائجي فوت ٿي وئي

واقعي بعد لنڊ برادري جو مين ٽنڊوآدم روڊ تي احتجاجي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا آهن، ٽريفڪ معطل

ڊمپر ڊرائيور موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب، پوليس ڊمپر کي تحويل ورتو

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار ويجهو ڊمپر جي ٽڪر ۾ 10 سالا نينگري فوت . ڊمپر ڊرائيور فرار. نينگري جي ٽنڊوالهيار ويجهو مين ٽنڊوآدم روڊ جي ترقياتي ڪم ڪندڙ ڪمپني جي ڊمپر جي ٽڪر جي نتيجي ۾ 10سالا خوشبو ڌيءُ نور محمد لنڊ چيپائجي فوت ٿي وئي جڏهن ته ڊمپر ڊرائيور ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو واقعي بعد لنڊ برادري پاران مين ٽنڊوآدم روڊ تي ڌرڻو هنيو ويو اطلاع تي عمرساند پوليس لاش تحويل ۾ وٺي وارثن حوالي ڪرڻ بعد ڊمپر

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: مقامي ڪاليج ۾ شاگرديائيون سالياني راندين ۾ رساڪشي جي مقابلي ۾ شريڪ آهن

نوابشاهه ۾ صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان پاران عوامي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري

ڪچهري ۾ رهواسين پاران روڊن، صحت، نوڪرين، مچر مار اسپري سميت ٻين بابت شڪايتون

صوبائي وزير هر هڪ شهري جو مسئلو ٻڌي لاڳاپيل آفيسرن کي مسئلا حل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون

کلي ڪچهري کان اڳ صوبائي وزير دربار هال ۾ ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيئاري قومي مهم جو پڻ افتتاح ڪيو

نوابشاهه(رپورٽ: مشرف پٺاڻ) مخدوم محبوب الزمان طرفان عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڊپٽي ڪمشنر آفيس شهيد بينظيرآباد جي احاطي ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي شهرين طرفان روڊن جي تعمير نه ٿيڻ پيپلز ميڊيڪل اسپتال ۾ صحت جون سهولتون گهٽ هجڻ مچر مار اسپري، ڪتا مار مهم نه ٿيڻ نوڪرين ۽ ٻين مسئلن بابت شڪايتون ڪيون صوبائي وزير هر هڪ شهري جو مسئلو ٻڌي لاڳاپيل آفيسرن کي مسئلا حل ڪرڻ

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه: صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان کلي ڪچهري ۾ ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

ملير: پارٽي فورسز هٿان گرفتار ڪيل ماهيگيرن جي بازيابي لاءِ وارثن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوآدم جو جيالو دلبر شيخ شهيد راڻي جي ورسي تي سائيڪل تي ڳڙهي خدابخش روانو

ٽنڊوآدم (ن ع) سنجهوري تعلقي جي ڳوٺ برڙا جو رهواسي دلبر خان شيخ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ سائيڪل تي سوار ٿي ڪرڪلي ۽ شهدادپور مان ٿيندو ٽنڊو آدم پهتو جتان هو هيرآئي ڪان ٿيندو پوءِ ڳڙهي خدابخش روانو ٿيندو دلبر خان شيخ جو

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو ۾ ڳوناڻي جو زال جي غلط رپورٽ ڏيندڙ ليب مالڪ خلاف احتجاج

زال کي ڇاتي ۾ ڳوڙهو ٿيو جنهن ٽيسٽ ميرپورخاص مان ڪرائي: اڪبر شر

پي ليب مان رپورٽ صحيح آئي آهي، غلط رپورٽ ڏيندڙ خلاف ڪيس داخل ڪري انصاف ڪيو وڃي

ڪنڊيارو (ن ع) اڪبر ولد گل حسن شر پورهيت احتجاج ڪندي چيو ته منهنجي زال مريم شر کي ڇاتي ۾ ڳوڙهو ٿيو جنهن جو علاج قمرحبيب کان ڪرايم پي جنهن ٽيسٽ لکي جيڪا ڪينسر جي هئي اها مائي ليب ڊاڪٽر شنڪر پواني کان ڪرائي جيڪا رپورٽ غلط ڏني ته منهنجي گهر

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو لڳ سرڪاري وڻ وڍڻ جو جنگلات کاتي پاران ڪيس داخل

انچارج عبدالشڪور خشڪ جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪرايو ويو

ايف آئي آر ۾ عثمان ، شاهزيب، ماجد حبيب ۽ ٻين کي جوابدار طور نامزد ڪيو ويو

ڪنڊيارو(ن ع) ڪنڊيارو پرسان ڳوٺ صالح راڄپر وڪان نيشنل هاءِ وي تان 150 کان مٿي وڻ غير قانوني طور وڍڻ جي ايف آئي آر ڪنڊياري ڦاٽي تي جنگلات ڪاتي جي تعلقي ڪنڊياري جي انچارج عبدالشڪور خشڪ جي مدعيت ۾ داخل ڪئي وئي ايف آئي آر ۾ عثمان، شاهزيب، ماجد حبيب،

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سڪر ۾ ضلعي انتظاميه جي اهتمام هيٺ پوليو بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو

تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر نادر شهزاد چيئرمين ڪميل حيدر شاهه ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سيمينار جو مقصد پوليو جهڙي موذي مرض بابت عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ آهي: مقرر

سڪر(بيورو رپورٽ) آرٽ ڪائونسل سڪر ۾ ضلعي انتظاميه جي اهتمام هيٺ پوليو بابت آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن جي صدارت ڊپٽي ڪمشنر سڪر نادر شهزاد ڪئي، جڏهن ته ضلعي ڪائونسل چيئرمين ڪميل حيدر شاهه تقريب جا مهمان خاص هئا. سيمينار جو مقصد پوليو جهڙي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سينيئر صحافي، سياسي، سماجي شخصيت مختيار علي زئور جي ورسي ملهائي وئي

سنڌ هائوس تي ملهايل ورسي تقريب ۾ مختلف سياسي، سماجي، صحافتي ڌرين جي شرڪت

مختيار زئور سياسي، سماجي ۽ صحافتي ذميوارين وڏي دليري سان ادا ڪيون:نواز خان زئور

مختيار سنڌ جو اڻڏو پٽ هو سنڌس سياسي سماجي ڪردار تي اسان کي فخر آهي:رياض چانڊيو

ميرپورٻٺورو (ن ع) سينيئر صحافي، تاليواري سياسي، سماجي شخصيت مختيار علي زئور جي ڪين ورسي سنڌ هائوس تي ملهائي وئي جنهن ۾ مختلف سياسي، سماجي تنظيمن، صحافتي ڌرين سميت اسياس جي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ورسي جي جلسي کي صدارتي خطاب ڪندي قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور چيو ته مختيار زئور سياسي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ اکين جي نور کان محروم ماڻهن ۾ معذوري سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا، خود اعتمادي تي زور

ٽنڊوآدم (ن ع) ڪائونسلنگ سوشل ورڪر احمد خان ڪنبر ۽ پاڪستان بلائنڊ ايسوسيئيشن ضلع سانگهڙ جي سهڪار سان پريس ڪلب ٽنڊوآدم ۾ اکين جي نور کان محروم نابينا ماڻهن ۾ معذوري سرٽيفڪيٽ ورهائڻ جي تقريب منعقد

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ نشئي مڙس زال کي گهران ڪڍي ڇڏيو، پنڌ تي مجبور بڻيل

ڳوٺ راضي خان ڪوسو واسڻ نوابي ڪوسو مڙس ۽ پٽ جي ظلمن خلاف احتجاج ڪيو

نشائي مڙس جڳهو ڪوسو ۽ پٽ ظالم جي انتهائي ڪري ڇڏي آهي، انصاف ڪيو وڃي

نوشهروفيروز(ڊ ر)نوشهروفيروز ۾ نشئي مڙس زال کي گهران ڪڍي ڇڏيو ڪن ٻارڻ جي ساءِ پنڌ تي مجبور بڻيل ڳوٺ راضي خان ڪوسو جي رهواسي عورت نوابي ڪوسو مڙس ۽ پٽ جي ظلمن خلاف پريس ڪلب پهتي جتي ميڊيا اڳيان دانهيندي نوابي ڪوسو چيو ته مڙس جڳهو ڪوسو ڪمائي

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ميرپورماٿيلو ۾ ڪسٽم ٽيم پاران ڪارروايون ڪري نان ڪسٽم پيڊ سگريٽ هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

ميرپورماٿيلو (ن ع) اسسٽنٽ ڪمشنر ڪسٽم ٽيم کي ساڻ ڪري ميرپورماٿيلو شهر جي رينجرز چوڪ ، پڊائي چوڪ ،

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ "سنڌ ۾ جبري مذهبي تبديلي ۽ قانوني مدد" جي عنوان سان تربيتي پروگرام

قبيلائي سردارن ۽ طاقتور ماڻهن جو اثر انصاف جي رستي ۾ وڏي رنڊڪ رهيو آهي:صباحت لغاري

هندو برادري کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ فوري طور قدم کنيا وڃن، خاص طور پوليس يونٽس کي قائم ڪيو وڃي: آصف علي

اقليتن لاءِ اقتصادي منصوبن، انفرا اسٽرڪچر جي بهتري ۽ سياسي نمائندگي کي هٿي ڏني وڃي:سنجي مهاراج ۽ ٻين جو خطاب

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ٽئين ڳوني واهه پل نه هجڻ سبب ڳوناڻا ميت ٻيڙين ذريعي قبرستان پهچائڻ تي مجبور

ڳوٺ غلام حسين لغاري واسي 70 سالا پيرسن جي مڙهه کي ٻيڙي وسيلي ڪٺائي تدفين لاءِ آندو ويو

ڪيتري عرصي کان تڪ جي چونڊيل نمائندي کي ڪيترين دانهون ڏنيون پر ڪجهه نه ٿي سگهيو:ڳوناڻا

50 ڪان وڌيڪ ڳوٺن جا رهواسي جديد دور ۾ شهري دوڙي ڳوٺن ڏانهن وڃڻ توڙي تدفين ڪرڻ لاءِ ٻيڙي جو سفر ڪندا آهيون

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

يونين آف جرنلسٽ حيدرآباد جي ميمبر ساجد علي خان جو فرزند لاڏاڻو ڪري ويو

پٽ جي وفات تي ساجد علي خان سان خالد ڪوکر، لالا رحمان سمون ۽ ٻين پاران ڏک جو اظهار

مرحوم جي تدفين اڄ ڪراچي ۾ ڪئي ويندي، تڏو به ڪراچي ۾ وڇايو ويندو

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

باڊهه: اي سي ڊگري فرزان سيرائي تقريب کي خطاب ڪري رهي آهي

باقراڻي: لاڪپ ۾ سبينا طور خودڪشي ڪندڙ...

مورو ۾ مغوي شاگرد عمران سابقي جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

پنوعاقل لڳ روڊ حادثي ۾ نوجوان فوت، گهر ۾ ڪهرام

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ جي اڙ برادري ۾ هلنڊڙ تڪرار جو نبيرو، ٻنهي ڌرين جو صلح

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

ڊپٽي ڪمشنر خيرپور نارا تعلقي جو دورو ڪري هلندڙ ترقياتي ڪمن جو تفصيلي جائزو ورتو

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ جي اي او بي پاران 16 جوڙن جو اجتماعي شادي تقريب منعقد

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

سکر جي سماجي اڳواڻ جي پٽ کان هٿيارن لڪين ٻڌائي ٻيو فرار

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: اجتماعي شادي ۾ ڪنوار جي رسم...

ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۽ ٻارن کي پوليو ڦڙا پيئاري پوليو مهم جو افتتاح ڪري چڪو

گهوٽڪي منظور احمد ڪنراني ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو ۾ ٻارڙن کي ڦڙا پيئاري پوليو مهم جو افتتاح ڪري چڪيو ۽ ان موقعي تي آگاهي ريلي ۾ پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي چيو ته ضلعي ۾ پوليو مهم 15 کان 21 ڊسمبر تائين جاري رهندي، 4 لک کان وڌيڪ ٻارڻ کي پوليو جا ڦڙا پيئاريا ويندا پوليو ٽيمون

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: ٽنڊو آدم پريس ڪلب ۾ اکين کان محروم ماڻهن کي معذوري سرٽيفڪيٽ ڏنيا پيا وڃن

ڄامشورو: ٿهرين پاڻي ميلي ۾ مقرر ڳالهائي رهيا آهن

ڪمال ديرو جي صحافي خالد سولنگي جي پاءُ جي دڪان مان چور الهه تلهه ڀهاري ويا

ڪمال ديرو(ن ع) ڪمال ديرو پرسان اچانڪ هوٽل ويجهو صحافي خالد حسين سولنگي جي ڀاءُ ليمن جي واپاري حيدر سولنگي جي دوڪان جا چور تالا ٽوڙي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ۽ پرپاسي بدامني چوٽ چڙهيل، چوري جون چار وارداتون

چور نيشنل بينڪ پرسان ونود ڪمار جي دڪان کي ڪاٽ هڻي سامان ڀهاري ويا

ڳوٺ ٻيڙو ڪلهيري مان ٽرانسفارمر، ڳوٺ ڪوري لاشاري مان ٻه ٻڪريون چور ڪاهي

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ ٻيڙو ڪلهيري مان رات دير سان نامعلوم چورن ٿنڀي مان ٽرانسفارمر لاهي هيٺ ڪيرائي ان مان ڪوائلون ۽ تيل ڪڍي ورتو جڏهن ته ٽرانسفارمر جو خالي ڪوڪو اڇلائي فرار ٿي ويا، ٻئي پاسي خانپورمهر جي نيشنل بينڪ پرسان ونود ڪمار جي ڪرياڻ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ پرسان ڪولهي پاڙي کي گهر خالي ڪرڻ جو آخري نوٽيس، احتجاج

سائينو سنڌ ڪمپني خلاف ڪولهي برادري جو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو

ني گهر 42 لک معاوضي بدران رڳو ڏ رقم ڏني زبردستي لڏائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي:مظاهرين

اسلام ڪوٽ(ن ع) اسلام ڪوٽ پرسان ٿرڪول بلاڪ ون جي ڳوٺ رروائي جي ڪولهي پاڙي جي رهواسين کي سائينو سنڌ ڪمپني جي درخواست تي روينيو کاتي گهر خالي ڪرڻ لاءِ آخري نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو آهي ۽ گهر خالي نه ڪرڻ جي صورت ۾ گهر ڊاهيلوڙ ڪرڻ جي وارننگ ڏني وئي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي ۾ صوبائي صلاحڪار مير بابل خان ڀيو پاران عوامي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري

کلي ڪچهري ۾ ضلعي جي مختلف علائقن مان آيل سرڪاري کاتن جي عملدارن خلاف شڪايتن انبار لڳائي ڇڏيا

مير بابل خان ڀيو ڪجهه شهرين جا مسئلا موقعي تي حل ڪيا ۽ باقي مسئلن جي حل هدايتون جاري ڪيون

کلي ڪچهري منعقد ڪرڻ جو مقصد عوام جا مسئلا سندن در تي وڃي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ آهي: مير بابل خان

گهوٽڪي/ميرپورماٿيلو(نمائندن وڪان) وزير اعلي سنڌ جي هدايتن تي، وڏي وزير جي بيلي کاتي بابت صوبائي صلاحڪار مير بابل خان ڀيو ضلع ڪائونسل هال ميرپور ماٿيلو ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي کلي ڪچهري ۾ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراني ۽ ايس ايس پي انور کيتران سميت صحت، روينيو تعليم، فاريسٽ، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، پي پي ايڇ آئي ۽ ميونسيپل سميت لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي ڪليل

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

روول هيلٿ سينٽر راڻي پور ۾ پوليو مهم حوالي سان آگاهي واڪ ڪئي وئي

راڻيپور(ن ع) روول هيلٿ سينٽر راڻي پور ۾ پوليو مهم *15* کان *21*

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

مورو: شاگرد ايڪشن ڪميٽي پاران مغوي عمران علي سابقي جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين: اي ٽي سي ون دڪانن تي اگهه چڪاسي رهيو آهي

گوڙاڻو ايريا ۾ 2025 جي سالياني معاوضي وارن چيڪن جي ورهاستي تقريب

سالياني معاوضي واري رقم ۾ وڌيڪ 591 مستحق گهراڻن کي پڻ هڪ لک جا چيڪ ڏنا ويا

گوڙاڻو واسين لاءِ معاوضي واري رقم جي فراهمي سنڌ حڪومت جو تاريخي ڪم آهي: مهيش ملاڻي

ٽرفائونڊيشن گوڙاڻو ۽ پرپاسي ڳوٺن ۾ اسڪول اسپتال، آر او پلانٽ ۽ روزگار فراهمي سميت سماجي خدمتون نڀائي رهي آهي:سي اي او

اسلام ڪوٽ(رپورٽ:سڪندر علي بجير) گوڙاڻو ايريا جي مستحق رهاسين لاءِ 2025ع جا سالياني معاوضي چيڪ ورهائڻ جي تقريب گوڙاڻو باغ ۾ منعقد ڪئي وئي، جتي سنڌ حڪومت پاران مهيا ڪيل معاوضي واري رقم جي ورهاست جو باضابطه آغاز ڪيو ويو هن سال معاوضي جي ورهاست جو دائرو وڌايو ويو آهي جنهن تحت گوڙاڻو ڊيم جي ڪي ڪلوميٽرن اندر ايندڙ اضافي ڳوٺن جا وڌيڪ 591 مستحق ماڻهو به شامل ڪيا ويا آهن جڏهن ته اڳ

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ نجي اسڪول جي استاد پاران شاگرديائي سان مبينا جنسي ڏاڍائي ڪوشش

ڪولاب جيئل جي پرائيويٽ اسڪول جي استاد نعيم ملاح پاران پنجين ڪلاس جي شاگرديائي سان زيادتي ڪوشش ڪئي

شاگرديائي جي وارثن الزام هيٺ آيل استاد کي سخت تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

خيرپور(ڊ ر)خيرپور لڳ ٽنڊومستي ڦاٽي جي حد ڪولاب جيئل جي پرائيويٽ فيوچر پرائيويٽ اڪيڊمي اسڪول جي استاد نعيم ملاح پاران پنجين ڪلاس جي شاگرديائي کي مبينا جنسي ڏاڍائي جو نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي شاگرديائي جي وارثن الزام هيٺ آيل استاد کي سخت تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد پوليس حوالي ڪري ڇڏيو آهي

نوشهروفيروز ۾ زمين تي قبضي خلاف پاءُ ڀيڻ جو احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

نوشهرو فيروز(ڊ ر)نوشهروفيروز ويجهو ڳوٺ مجر ۾ زمين تي قبضي خلاف پاءُ ڀيڻ جي پريس ڪلب نوشهروفيروز ۾ پريس ڪانفرنس. خبر موجب نوشهرو فيروز لڳ ديهه مجر جي رهواسي پاءُ ڀيڻ مسمات نظيران وسطڙو ۽ غلام الله وسطڙو پريس ڪلب نوشهروفيروز ۾ قرآن پاڪ کڻي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جي اباڻي زرعي زمين تي قبضي جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جي ديهه مجر ۽ ديهه پير پرتو ۾ ڪل 62 ايڪڙ زرعي زمين هئي جيڪا ورهاست مطابق حصيدارن ۾ ورهائي وئي جنهن حصي موجب مسمات نظيران کي 8 ايڪڙ زمين ملي جيڪا هن وقت سندن قبضي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: مقامي اسڪول ۾ ٻارڙا ٽيبلو پيش ڪري رهي آهن

ٽنڊوآدم ۾ عالمي مجلس تحفظ ختم نبوت پاران 44 هين سالياني ڪانفرنس منعقد

ڪانفرنس کي امير علامه محمد راشد مدني، علامه محمد زاهد حجازي ۽ ٻين عالمن خطاب ڪيو

عقيده ختم نبوت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو يا قانون ۾ ترميم قبول نه ڪنداسين: مقرر

ٽنڊوآدم (ن ع)عالمي مجلس تحفظ ختم نبوت ٽنڊوآدم جي زير اهتمام 44 هين سالياني ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ملڪ جي عالمن مذهبي ۽ سياسي اڳواڻن سميت عوام وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪانفرنس کي عالمي مجلس تحفظ ختم نبوت ٽنڊوآدم جي امير علامه محمد

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

نادرا سکر پاران بنراج ڪالوني يوسي ۾ نادرا ڪائونٽر قائم

ڊي جي خرم شهزاد ۽ ميئر ارسلان اسلام شيخ ڪائونٽر جو افتتاح ڪيو

شهرين جي سهولت لاءِ ميونسپل ۾ ممڪن سهڪار فراهم ڪري رهيا آهيون: ارسلان اسلام

سڪر (بيورو رپورٽ) نادرا سکر پاران بنراج ڪالوني يوسي ۾ نادرا ڪائونٽر قائم ڪيو ويو جي نادرا ۽ ميئر سکر پاران افتتاح، ڊي جي نادرا سکر خرم شهزاد ۽ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ بنراج ڪالوني ۾ نادرا ۽ سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي سهڪار سان هر يونين ڪاميٽي ۾ نادرا ڪائونٽر

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

باقراڻي: بقاپور ڦاٽي جي حد ۾ هٿ آيل نامعلوم پيرسن جو لاش

خانپورمهر لڳ روڊ حادثي ۾ پورهيت فوت، گهر ۾ ڪهرام

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ويجهو ڳوٺ جرواڙ جو رهواسي اربيلو اوڏ مگريا پمپ وٽ تيز رفتار سبب هڪ هائيس ڌان ڪري پيو جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو. واقعي بعد مقامي ماڻهو ۽ وارثن زخمي کي فوري طور خانپورمهر جي مقامي اسپتال منتقل ڪيس جتي ڊاڪٽرن پاران علاج ڪيو پر زخمن جي شدت سبب هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو.

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

رانيپور: شاگرد پوليو جي خاتمي لاءِ جاڳرتا ريلي ۾ شريڪ آهن

ملير ۾ واپاري جي گرفتاري خلاف وارثن جو پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

گلشن حديد جي گرفتار واپاري ضمير سولنگي جي وارثن ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

پوليس اهلڪار امام بخش زرداري ڪاروباري ماڻهن کي بليڪ ميل ڪري ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي ٿو: الزام

بن قاسم (ن ع) گلشن حديد جي واپاري ضمير حسين سولنگي کي گرفتار ڪرڻ خلاف وارثن جو ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير آڏو احتجاجي مظاهرو پوليس اهلڪار امام بخش زرداري پاڻ کي ٽاسڪ فورس جو انچارج سڏائي ڪاروباري ماڻهن کي بليڪ ميل ۽ حراسان ڪري پيسا نه ڏيڻ جي صورت ۾ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي ٿو پوليس اهلڪار خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڏياريو وڃي وارث خبر موجب گلشن حديد جي نوجوان ضمير حسين

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

بن قاسم ۾ ڀارتي ڪوسٽ گارڊ پاران 11 پاڪستاني مهاڻن جي گرفتاري خلاف مظاهرو

ابراهيم حيدري ۾ ماهيگير تنظيم جي اڳواڻن ۽ گرفتار ٿيل مهاڻن جي وارثن احتجاج ڪيو

مهاڻا روزگار لاءِ سمنڊ ۾ ويا هئا، ڀارتي اهلڪارن هٿان گرفتاري انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي: اڳواڻ

بن قاسم (ن ع) ڀارتي ڪوسٽ گارڊ پاران 11 پاڪستاني مهاڻن جي گرفتاري خلاف احتجاج ڀارتي ڪوسٽ گارڊ پاران 11 پاڪستاني مهاڻن جي گرفتاري خلاف ابراهيم حيدري ۾ سخت احتجاج ڪيو ويو احتجاجي مظاهري ۾ ماهيگير تنظيم جي اڳواڻ سيد ڪمال شاهه زاهده ٻوڪهائي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

سنڌ ۽ سنڌين جا سور ئي منهنجي لکڻين ۾ سمايل آهن: مجيد نواز مغل

سڪر(بيورو رپورٽ) سنڌ ۽ سنڌين جا سور ئي منهنجي لکڻين ۾ سمايل آهن ۽ سنڌ ئي منهنجي تخليقن جو محور رهي آهي سنڌ آهي ته اسين سڀ آهيون - انهيءَ ڪري سنڌ ۽ سنڌين جا مسئلا پنهنجا مسئلا سمجهي ڪري حل ڪرڻ لاءِ ڏکهي ۽ متحدهه جدوجهد جي سخت ضرورت آهي اهڙو اظهار سينيئر صحافي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي جي ٽيسٽ ڏيندڙ ويٽنگ اميدوارن جو احتجاج

اسان 2021 ۾ ٽيسٽ ڏني پاس ٿياسين، پر نوڪرين بجاءِ هٿ وٺي ويٽنگ لسٽ ۾ رکيو ويو: اميدوار

ڳڙهي خدا بخش پهچڻ تائين پيادل مارچ ڪري شهيدن جي مزارن اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو: چتاءُ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سال 2021ع دوران آءِ بي اي ذريعي پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي جي نوڪرين لاءِ ٽيسٽ ڏيندڙ ويٽنگ اميدوارن صدام ساندائش عبدالغفار مغيري، سجاد چانڊيو فريد عباسي، فائزه سومرو، مريم عباسي ۽ ٻين لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

صحابه ڪرام دين اسلام لاءِ سڀ ڪجهه قربان ڪري ڇڏيو: پروفيسر منظور مشوري

حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضہ ٻنهي جهانن جي سردار آقا ڪريم صہ جا پيارا صحابي آهن

جن هر جنگ هر قرباني ۾ ٻاڻ ملهائي اسلام جو پرچم بلند ڪري ڏيکاريو: خطاب

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي يوم حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله عنه جي سلسلي ۾ "سيدنا صديق اڪبر ڪانفرنس" شهر جي عيدگاهه قاسميه ۾ ٿي گذري ڪانفرنس کي صدارتي خطاب ڪندي سنڌ جي تاليواري مشهور درگاهه مشوري شريف جي پروفيسر منظور احمد

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ڪانٽريڪٽي ويڪسينيٽرن جو نوڪرين تان معطل ڪرڻ خلاف مظاهرو

ويڪسينيٽرن عمران طارق، اسد جاگيراڻي، غلام محي الدين ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

هنگورجا مان هفتو اڳ پراسرار نموني گم ٿيل دوڪاندار جو لاش هٿ

پاءُ عامر جي لوئي روهڙي ڪئنال وٽ ڏسي تلاش شروع ڪئي: وارث

مسلسل ڳولا بعد لاش قانوني ڪارروائي بعد گهر پهچي تي پاتين ۾ ڪهرام

هنگورجا(ن ع) هنگورجا مان 6 ڏينهن اڳ پراسرار نموني گم ٿي ويل دوڪاندار عامر جو لاش ڪينال ۾ پڙهندو آيو وارثن ڪيس ڏسي ڪڍي ورتو ۽ ان لاش جي سڃاڻپ ٿي گهرام مچي ويو. فوٽي دوڪاندار جي ڀاءُ بشير احمد سميت صحافين کي ٻڌايو ته

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

سيوهڻ مان گم ٿيل رٽائرڊ استاد جو ٻئين ڏينهن لاش هٿ آيو، گهر ۾ ڪهرام

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ قرآن پاڪ جي 10 پاڙ حافظن کي سندون ۽ يوم سيدنا صديق اڪبر جي سلسلي ۾ اجتماع ڪيو ويو

بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

دادو پريس ڪلب 2026 اليڪشن نظام شيخ صدر سرور جلال نائب صدر ٿي ڪامياب

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

سڪر پريس ڪلب آڏو مغوي علي اصغر سنگريو جي بازيابي لاءِ مسلسل 800 ڏينهن کان احتجاج جاري

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٿاڻوبولاخان ۾ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز 1122 جي شروعات، انتظار ايراس حوالي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

باڊهه لڳ ڳوٺ گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول ۾ سالياني ايوارڊ تقريب منعقد

بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

پيپلزپارٽي جي سنڌ حڪومت جي تعليم ۾ خاص توجهه ڏئي رهي آهي: پڪاڻداس

باڊهه: مقامي اسڪول ۾ ٿيل ثقافتي تقريب ۾ ٻارڙا شريڪ آهن